روزاني
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سنڌيار
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) اربع 29 مارچ 2023ع بمطابق 07 رمضان المبارڪ 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 305

آئين ۽ قانون ۾ اليڪشن ڪميشن کي چونڊن جي تاريخ تبديل ڪرڻ جو اختيار ناهي: سپريم ڪورٽ

دهشتگردي جو مسئلو ته 90 جي ڏهاڪي کان هلي پيو، ڇا 90 جي ڏهاڪي ۾ چونڊون ملتوي ٿيون هيون؟ چيف جسٽس عمر عطا بنديال

ڪيترن ئي سياسي ليڊرز جانيون قربان ڪيون، پ پ جي سربراهه جي شهادت به وڏو سانحو هو، اهڙين حالتن ۾ به چونڊون ٿينديون رهيون

چونڊون ڪنهن به وقت ٿي سگهن ٿيون، اليڪشن ڪميشن کي تيار رهڻ گهرجي، حڪومت هلائڻ اليڪشن ڪميشن جو ڪم ناهي : جسٽس منيب اختر

ڇا آدمشماري دوران چونڊون نٿيون ٿي سگهن؟ (جسٽس منيب اختر) آدم شماري جي نتيجن جي بُنياد تي ئي چونڊون ٿينديون آهن : اٽارني جنرل

سادو سوال آهي اليڪشن ڪميشن چونڊن جي تاريخ اڳتي ڪري سگهي ٿي يا نه؟ اليڪشن ڪميشن وٽ اختيار آهي ڳالهه ختم ٿي ويندي

ڇا هينئر ايمرجنسي جي صورتحال آهي جو چونڊون نه ٿين. عدالت پي ٽي آءِ جي درخواست تي ٻڌڻي سڀاڻي تائين ملتوي ڪري ڇڏي: ٻڌڻي دوران ريمارڪس

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سُپريم ڪورٽ ۾ چونڊون ملتوي ٿيڻ خلاف پي ٽي آءِ جي درخواست تي ٻڌڻي دوران چيف جسٽس ريمارڪس ڏنا آهن ته بظاهر لڳي ٿو اليڪشن ڪميشن چونڊون ملتوي ڪرڻ جو دستاويز تڪڙ ۾ تيار ڪيو. آئين ۽ قانون ۾ اليڪشن ڪميشن کي تاريخ تبديل ڪرڻ جو اختيار نه آهي، اهو واضح آهي ته اليڪشن ڪميشن وٽ چونڊن جي تاريخ ڏيڻ جو اختيار ناهي. چيف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: قانون وارو وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ قومي اسيمبلي ۾ ڳالهائي رهيو آهي

"چين ۽ آمريڪا وچ ۾ خطرناڪ سرد
جنگ شروع ٿي سگهي ٿي" اڳوڻي
آمريڪي پرڏيهي وزير هنري ڪسنجر

نيويارڪ (م ڊ) اڳوڻي آمريڪي پرڏيهي وزير هنري ڪسنجر چين ۽ آمريڪا وچ ۾ مسلسل وڌندڙ ڇڪتاڻ کي نظر ۾ رکندي دنيا ۾ ٻئين سرد جنگ شروع ٿيڻ جي خطري کان خبردار ڪيو آهي. هسپانوي اخبار کي انٽرويو ۾ هن چيو ته آمريڪا ۽ چين وچ ۾ هڪ نئين سرد جنگ شروع ٿي سگهي ٿي. اها ٻئين سرد جنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

لاڏلي کي مُلڪ سان کيڏڻ جي اجازت نه ڏني ويندي، قانون پنهنجو رستو اختيار ڪندو: وزيراعظم

گذريل سال اسان مخالف ڌر ۾ هئاسين، مختلف سوچ رکندڙ پارٽين فيصلو ڪيو ته اسان رياست کي بچايون، اتحادي جماعتن رياست کي بچائڻ لاءِ سياست کي داءَ تي لڳائي ڇڏيو : شهباز شريف

آئين کي 50 سال گذري ويا، جنهن تي هو قوم کي واڌايون ڏي ٿو، آئين تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ سياسي اڳواڻن جون ڪوششون آهن، ذاتي پسند ۽ ناپسند هڪ پاسي رکي آئين ناهيون ويو

آئين کي 50 سال گذري ويا، جنهن تي هو قوم کي واڌايون ڏي ٿو، آئين تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ سياسي اڳواڻن جون ڪوششون آهن، ذاتي پسند ۽ ناپسند هڪ پاسي رکي آئين ناهيون ويو

گهڙو ٿيو، لاڏلي کي پاڪستان سان کيڏڻ جي اجازت نه ڏني ويندي، آئين ادارن ۾ طاقت جي ورڇ جي ريد لائن لڳائي پر اڄ آئين جو مذاق اڏائي عدليا جي اختيارن جا بخيا اڌيڙيا پيا وڃن

لاڏلي جي حڪومت آءِ ايم ايف سان معاهدو ڪري ٽوڙيو، جنهن ڪري پاڪستان ڊفالٽ ٿيڻ جي ويجهو پهچي ويو، آءِ ايم ايف وڪ وڪ تي گارنٽي گهري رهي آهي

هڪ سٽنگ عورت جج بابت هن ڇا چيو، اهڙا لفظ زبان تي نٿا اچي سگهن، ڪنهن ان جو نوٽيس نه ورتو، حقيقتن تي ٻڌل ڪيس ٺهيا آهن : قومي اسيمبلي جي اجلاس کي خطاب

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهبازشريف چيو آهي ته آئين ادارن وچ ۾ پاور جي ورهاست ڪئي، لاڏلي کي پاڪستان سان کيڏڻ جي اجازت نه ڏني ويندي، قانون پنهنجو رستو اختيار ڪندو، آئين ادارن ۾ طاقت جي ورڇ جي ريد لائن لڳائي پر اڄ آئين جو مذاق اڏائي عدليا جي اختيارن جا بخيا اڌيڙيا پيا وڃن. قومي اسيمبلي جي اجلاس کي خطاب ڪندي وزيراعظم چيو ته گذريل سال اسان مخالف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: وزيراعظم شهبازشريف قومي اسيمبلي ۾ خطاب ڪري رهيو آهي

اعظم نذير تارڙ چونڊن بابت ڪيس ۾ فل ڪورٽ بنائڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

جسٽس مظاهر نقوي ۽ جسٽس اعجازالاحسن رضاڪارانه طور تي ڪيس کان ڌار ٿيا : اعظم نذير تارڙ

استدعا آهي ته ادارن جي عزت ۽ سلامتي رکڻ لاءِ فل ڪورٽ بينچ ٺاهيو وڃي

وزيراعظم هڪڙي ماڻهو جي طور تي فيصلا ناهي ڪندو ان ۾ ڪابينه جي مشاورت شامل هوندي آهي

ادارن اندر ورهاست ۽ وسوسا ختم ڪرڻ لاءِ 13 رڪني بينچ هجڻ گهرجي : سپريم ڪورٽ ٻاهران صحافين سان ڳالهيون

اسلام آباد (م ڊ) قانون واري وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ اليڪشن ڪميشن بابت ڪيس ۾ فل ڪورٽ بنائڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو. سپريم ڪورٽ ٻاهران صحافين سان ڳالهيون ڪندي وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ چيو ته چونڊون منعقد ڪرڻ جي سلسلي ۾ سوموٽو ورتو ويو هو ان ڏينهن اها ڳالهه ٿي هئي ته چار ٽن جي اڪثريت سان فيصلو رد ٿي ويو. استدعا آهي ته ادارن جي عزت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: چيئرمين اين ڊي ايم اي ليفٽيننٽ جنرل انعام حيدر ملڪ جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس جو ڏيک

نئين اٽارني جنرل منصور
عثمان اعوان عهدي جي
چارج سنڀالي ورتي

اسلام آباد (م ڊ) نئين اٽارني جنرل منصور عثمان اعوان عهدي جي چارج سنڀالي ورتي. صحافين سان ڳالهيون ڪندي هن چيو ته چونڊن بابت ڪيس ۾ اڄ عدالت ۾ پيش ٿيندس. نئين اٽارني جنرل منصور عثمان اعوان صحافين جي سوالن جا جواب ڏنا. صحافي طرفان سوال ڪيو ويو ته اڄ چونڊن واري ڪيس ۾ پيش ٿيندا؟ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

وفاقي حڪومت طرفان عدالتي سڌارن لاءِ فوري طور قانون سازي جو فيصلو

تجويز ڪيل بل ۾ پاڻمرادي نوٽيس خلاف اپيل جي حق بابت قانون سازي ڪئي ويندي: ذريعا

چيف جسٽس آف پاڪستان پاڻمرادي نوٽيس جو استعمال اڪيلي سر استعمال نٿو ڪري سگهي

پاڻمرادو نوٽيس وٺڻ جو اختيار فل ڪورٽ کي ڏيڻ جي تجويز تي غور ڪيو پيو وڃي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وفاقي حڪومت عدالتي سڌارن لاءِ فوري طور قانون سازي جو فيصلو ڪري ورتو. ذريعن موجب تجويز ڪيل بل ۾ پاڻمرادي نوٽيس خلاف اپيل جي حق بابت قانون سازي ڪئي ويندي. تجويز ڪيل بل موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

سنڌ جي گورنر سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ 40 سيڪڙو واڌ جي تجويز ڏئي ڇڏي

رڪارڊ مهانگائي مان عام ماڻهو سخت متاثر ٿي رهيو آهي: ڪامران ٽيسوري

پورهيتن جي گهٽ ۾ گهٽ ماهوار پگهار 50 هزار روپيه مقرر ڪئي وڃي

ڪراچي (م ڊ) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري ماهوار پگهار 50 هزار ۽ سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ 40 سيڪڙو واڌ جي تجويز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

زلمي خليل زاد جو عمران خان جي حمايت ۾ بيان: آمريڪي پرڏيهي وزارت وضاحت جاري ڪري ڇڏي

زلمي خليل زاد عام شهري آهي ان جا بيان ذاتي حيثيت ۾ آهن : آمريڪي پرڏيهي وزارت

زلمي خليل زاد جو بيان بائيڊن انتظاميه جي نمائندگي نٿو ڪري. بيان جو آمريڪي پرڏيهي پاليسي سان ڪو به تعلق نه آهي

واشنگٽن: (م ڊ) آمريڪا افغانستان جي لاءِ اڳوڻي آمريڪي ايلچي زلمي خليل زاد جو پاڪستان جي سياسي صورتحال بابت بيان تي وضاحت جاري ڪري ڇڏي آهي. گذريل ڪجهه ڏينهن اڳ اڳوڻي آمريڪي سفارتڪار زلمي خليل زاد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

واشنگٽن: پرڏيهي وزارت ترجمان ودنت پٽيل پريس بريفنگ دوران ڳالهائي رهيو آهي

عمران خان کي قتل جي ڌمڪي ناهي ڏني، هڪ سياسي ڳالهه ڪئي هئي: راڻا ثناءالله

مان عمران خان جي سياسي وجود جي ڳالهه ڪئي هئي. سياستدان سياسي ڳالهيون ئي ڪندا آهن

چئني صوبائي اسيمبلين ۽ قومي اسيمبلي جون چونڊون گڏ ٿينديون

صوبن ۾ نگران سيٽ اپ کان سواءِ ٿيندڙ چونڊن جي نتيجن کي ڪير به نه مڃيندو

گوجرانوالا (م ڊ) وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءالله پنهنجي بيان جي وضاحت ڏيندي چيو آهي ته مون عمران خان کي قتل ڪرڻ جي ڌمڪي ناهي ڏني پر هڪ سياسي ڳالهه ڪئي هئي. گوجرانوالا ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي وفاقي گهرو وزير راڻا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

حڪومتي اتحاد پنجاب ۽ ڪي پي ڪي چونڊون ملتوي واري ڪيس ۾ ڌر بنجڻ جو فيصلو ڪري ورتو

مسلم ليگ ن، پيپلزپارٽي جمعيت علماءِ اسلام اڄ ڌر بنجڻ جي درخواست داخل ڪنديون

حڪومتي اتحاد جون 3 وڏيون سياسي پارٽيون پنهنجو موقف عدالت ۾ پيش ڪنديون

بينچ ۾ جسٽس اعجازالاحسن، جسٽس منيب اختر، جسٽس امين الدين ۽ جسٽس جمال خان مندوخيل شامل

اسلام آباد (م ڊ) پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه ۾ چونڊون ملتوي ڪرڻ خلاف پاڪستان تحريڪ انصاف جي سپريم ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪرڻ جي ڪيس ۾ حڪومتي اتحاد ڌر بنجڻ جو فيصلو ڪري ورتو. مسلم ليگ ن، پيپلزپارٽي جمعيت علماءِ اسلام اڄ ڌر بنجڻ جي درخواست داخل ڪنديون. حڪومتي اتحاد جون 3 وڏيون سياسي پارٽيون پنهنجو موقف عدالت ۾ پيش ڪنديون. پاڪستان تحريڪ انصاف جي درخواست تي چيف جسٽس پاڪستان عمر عطا بنديال جي سربراهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ايم ڪيو ايم آدمشماري نتيجن کي رد ڪري ڇڏيو

شماريات کاتي جي سربراهه طرفان آدمشماري جا انگ اکر جاري ڪيا ويا : فاروق ستار

پنهنجي شمارياتي ٽيم ذريعي آدمشماري ۾ ڌانڌلي ڪئي پئي وڃي

ڪراچي (م ڊ) ايم ڪيو ايم پاڪستان آدمشماري رد ڪرڻ جو اعلان ڪندي غيرجانبدار نجي شعبي کان آدمشماري ٻيهر ڪرائڻ ۽ ڏيتا ٺائين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪراچي: ايم ڪيو ايم پاڪستان جا اڳواڻ گڏيل پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

مريم نواز ڪيترن اثاثن جي مالڪياڻي، تفصيل سامهون اچي ويا

مريم نواز مالي اثاثن جا تفصيل پنهنجي نامزدگي ڪاغذن سان گڏ اليڪشن ڪميشن ۾ جمع ڪرائي ڇڏيا

مريم نواز گڏيل طور تي 84 ڪروڙ 25 لک روپين کان وڌيڪ اثاثن جي مالڪياڻي آهي : دستاويز رپورٽ

2 ڪروڙ 89 لک روپين کان وڌيڪ جي قرضدار آهي. مريم نواز اهو قرض پنهنجي ڀاءُ حسن نواز کان ورتو آهي

لاهور (م ڊ) مسلم ليگ ن جي چيف آرگنائيزر ۽ سينئر نائب صدر مريم نواز ڪيترن اثاثن جي مالڪياڻي آهي تفصيل سامهون اچي ويا. مريم نواز مالي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

مسلم ليگ ن جي چيف آرگنائيزر ۽ سينئر نائب صدر مريم نواز

سنڌ ۾ ڪيترائي اسڪول بند هجڻ جو انڪشاف

ٻارڙا اسڪول ۾ اچي رانديون ڪيڏي واپس وڃڻ تي مجبور

وڏي انگ ۾ اسڪول بند ٿي رهيا آهن : ذريعن جي دعويٰ

ڪراچي (م ڊ) سنڌ جي مختلف شهرن ۾ استادن جي ڊيوٽي آدمشماري لڳائي وئي آهن جنهن سبب اسڪولن ۾ تدريسي عمل بند پيل آهي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

پيڇ ڊاهه ۽ ٻاهين جو ڪيس: پي ٽي آءِ اڳواڻ فرخ حبيب جي عبوري ضمانت رد

عدالت پي ٽي آءِ اڳواڻ فرخ حبيب جي ضمانت پيروي نه ڪرڻ جي بنياد تي رد ڪئي

ڪيس جا جوابدار جاچ ۾ شامل ناهن ٿيا، حڪومت جي آءِ تي جوڙي ڇڏي آهي : جاچ آفيسر

دهشتگردي جي انت واري عدالت زبير خان نيازي، ڊاڪٽر ياسمين راشد سميت ٻين کي جاچ ۾ شامل ٿيڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

لاهور (م ڊ) لاهور جي دهشتگردي جي انت واري عدالت پيڇ ڊاهه ۽ ٻاهين جي ڪيس ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻ فرخ حبيب جي عبوري ضمانت رد ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

پي ٽي آءِ اڳواڻ فرخ حبيب (فائيل فوٽو)

عمران خان خلاف ڪيسن جا تفصيل هاءِ ڪورٽ ۾ جمع

آءِ جي اسلام آباد ۽ ايف آءِ اي طرفان جمع ڪرايا ويا

اسلام آباد ۾ عمران خان خلاف 29 ڪيس داخل آهن : پوليس رپورٽ

اسلام آباد (م ڊ) پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان خلاف ڪيسن جا تفصيل هاءِ ڪورٽ ۾ جمع ڪرايا ويا آهن. اڳوڻي وزيراعظم عمران خان خلاف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

سکر ۾ هٿياربندن جي ڪار مٿان فائرنگ، زال، مڙس قتل، معصوم ٻارڙي زخمي

سکر بي سيڪشن ٿاڻي جي حد بندر روڊ واري علائقي ۾ اڻڄاتل هٿياربندن ڪار کي روڪي سڌي فائرنگ ڪري ڏني

فائرنگ جي نتيجي ۾ ڪار سوار زال مڙس ٿڌي تي ئي قتل ٿي ويا، معصوم نياڻي زخمي ٿي پئي

قتل ٿي ويلن جي سڃاڻپ نوشهرو فيروز واسي علي اڪبر سولنگي ۽ مسمات زينت جي نالن سان ٿي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي بندر روڊ واري علائقي ۾ هٿياربندن جي ڪار تي فائرنگ زال ۽ مڙس قتل ويا هڪ معصوم ٻارڙي سخت زخمي ٿي پئي واقعي جو اطلاع ملندي ئي حد ٿاڻي جي پوليس ۽ ايڌي رضاڪار پهچي ويا جن ٻنهي لاشن کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

سکر: هٿياربندن جي ڪار مٿان فائرنگ ۾ مارجي ويل زال مڙس جا لاش اسپتال آندا ويا آهن

موسميات کاتي ملڪ جي
مختلف علائقن ۾ اڄ کان تيز
برساتن جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي

اسلام آباد (م ڊ) موسميات کاتي ملڪ جي مختلف علائقن ۾ اڄ کان ڇهن ڏينهن تائين تيز برساتن، ڳڙو پوڻ ۽ جابلو علائقن ۾ برفباري جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي آهي. بلوچستان ۾ ڪوئٽا، چمن، پشين ۽ بارکهان جي جابلو علائقن ۽ ندي نالن ۾ چاڙهه جو امڪان ظاهر ڪري ڇڏيو آهي. خيبرپختونخواهه ۾ دير، سوات، ڪوهستان، نوشهره، مردان، وزيرستان ۽ باجوڙ جي ندي نالن ۾ چاڙهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

سکر ۾ مبينا پوليس مقابلو، 2 ڌوهاري مارجي ويا

فائرنگ دوران سوسائٽي چوڪي انچارج طاهر ڪوسو زخمي ٿي پيو

مارجي ويل ڌوهارين جي سڃاڻپ ناهي ٿي سگهي : ايس ايس پي

ڪراچي (م ڊ) آباد ٿاڻي جي حد ۾ پوليس ۽ ڌوهارين وچ ۾ مقابلو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ 2 مبينا ڌوهاري مارجي ويا، جڏهن ته سوسائٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

شازيه مري سيڪيورٽي اهلڪارن طرفان روڪڻ تي ڪاوڙجي پئي

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا جو هنگامي اجلاس پارليامينٽ هائوس ۾ ٿيو

اجلاس کان اڳ وفاقي ڪابينا ميمبرن جون موبائل فونز به ٻاهر رکرايون ويون

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي وزير شازيه مري سيڪيورٽي اهلڪارن طرفان روڪڻ تي ڪاوڙجي پئي. وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا جو هنگامي اجلاس پارليامينٽ هائوس ۾ ٿيو ان دوران سينيٽ آفيسرن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: توانائي واري صوبائي وزير امتياز احمد شيخ جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس جو ڏيک

ساهيوال ۾ مفت اٽي جي ورهاست دوران بدنظمي، هڪ عورت فوت، 19 زخمي

ساهيوال جي نوازشريف پارڪ ۾ مفت اٽي جي ورهاست دوران بدنظمي سبب 19 عورتون زخمي ٿي پيون

زخمي ٿيندڙن کي فوري طور تي طبي امداد جي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو

بدنظمي جي نتيجي ۾ هڪ عورت فوت به ٿي وئي : ريسڪيو ذريعا

ساهيوال (م ڊ) بکر کان پوءِ هاڻ ساهيوال ۾ به مفت اٽي جي ورهاست دوران بدنظمي سبب هڪ عورت فوت ٿي وئي جڏهن ته 19 جي زخمي ٿيڻ جا اطلاع آهن. ريسڪيو ذريعن موجب ساهيوال جي نوازشريف پارڪ ۾ مفت اٽي جي ورهاست دوران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ساهيوال : مفت اٽي جي ورهاست دوران ٿيل بدنظمي جو ڏيک

اظهر مشواڻي جي مبينا
گمشدگي، اينٽي ڪرپشن پوليس
جو گرفتاري کان اڻڄاڻائي جو اظهار

راولپنڊي (م ڊ) راولپنڊي اينٽي ڪرپشن پوليس، پي ٽي آءِ جي سوشل ميڊيا انچارج اظهر مشواڻي جي گرفتاري کان اڻڄاڻائي جو اظهار ڪري ڇڏيو لاهور هاءِ ڪورٽ جي راولپنڊي بئنچ ۾ درخواست گذار موقف اختيار ڪيو ته اظهار مشواڻي جي گرفتاري جي لوڪيشن ايف آءِ اي سائبر ڪرائيم ونگ راولپنڊي آهي. اظهر مشواڻي جي گمشدگي وارو ڪيس گرين ٽائون ٿاڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

عورتن جي ترقي واري صوبائي وزير شهلا رضا پاران هنگورو ڳوٺ اوير جو دورو

علائقي واسين جو قومي سڃاڻپ ڪارڊ ۾ ايڊريس جي تبديلي جو مسئلو حل ٿي ويو آهي: شهلا رضا

علائقي واسين صوبائي وزير سيده شهلا رضا جي واڪاڻ ڪندي سندس شڪريه جو اظهار ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي عورتن جي ترقي واري صوبائي وزير سيده شهلا رضا هنگورو ڳوٺ اوير ضلعي جي رهواسين جو پراڻو مسئلو حل ڪيو. علائقي جي رهواسين خاص ڪري عورتن کي پنهنجي شناختي ڪارڊ ۾ ايڊريس جي تبديلي سميت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

سنڌ هن آدم شماري جا نتيجا قبول نه ڪندي: قادر مگسي

سنڌ جي وحدت ۽ سنڌي قوم جي حق حاڪميت جي خلاف هميشه سازشون ٿينديون رهيون آهن

جيڪڏهن پ پ حڪومت چاهي ته فوري طور آدمشماري واري عمل کي روڪرائي سگهي ٿي

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ هڪ تاريخي قديمي ۽ دائمي مادر وطن آهي ان جي اڄ انج جي حفاظت ڪنداسين، سنڌ خلاف ٿيندڙ سمورين سازشن ناڪام ٿينديون. برگس آدم شماري جو ورنگ بند ڪيو وڃي. سنڌ هن آدم شماري جا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

خان پور جي ڪچي ۾ شر-بروهي تڪرار تان نوجوان چاچيءَ سوڌو قتل

هٿياربندن جي فائرنگ ۾ سونيا زال انور شر ۽ 20 ورهين جو عطاءُ الله پٽ سومر شر مارجي ويا

وارثن ۽ پوليس کي علائقي جي ماڻهن اطلاع ڏنو پوليس لاش خان پور اسپتال منتقل ڪيا

خان پور (رپورٽر) خان پور پرسان ڪوٽ شاهو ٿاڻي جي حد هٿياربندن جي فائرنگ ۾ ڳوٺ رحيم داد شر جي رهواسڻ 18 سالن جي سونيا زال انور شر ۽ 20 ورهين جو عطاءُ الله پٽ سومر شر مارجي ويا، وارثن ۽ پوليس کي علائقي جي ماڻهن اطلاع ڏنو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

صوبائي وزير امتياز شيخ جي صدارت هيٺ اعليٰ سطحي اجلاس

اجلاس ۾ پراونشلائيزيشن جي حوالي سان مڪمل غور ويچار ڪيو ويو

حيسڪو ۽ سيپڪو جي صوبائي خودمختياري ڪان هڪ ڪميٽي جوڙي وڃي: امتياز شيخ

حيسڪو ۽ سيپڪو 18 وين ترميم جي بعد سنڌ صوبي جي انتظام هيٺ آهن

ڪراچي (رپورٽر) توانائي واري صوبائي وزير امتياز احمد شيخ جي صدارت هيٺ اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو، جنهن ۾ 18 هين ترميم ڪانپوءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

صوبائي وزير مير شبير بجاراڻي پاران بن قاسم ڪراچي ۾ بچت بازار جو دورو

سنڌ حڪومت رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ عوام کي رليف فراهم ڪري رهي آهي: بجاراڻي

سڄي صوبي ۾ بچت بازار قائم ڪري ڇڏيا آهن. ڪراچي شهر ۾ 26 هنڌن تي بچت بازار قائم ڪيا ويا آهن

اٽي جي خريداري لاءِ في خاندان 2 هزار رپيا مستحق خاندانن کي منتقل ٿيڻ شروع ٿي ويندا

ڪراچي (رپورٽر) معدنيات ۽ معدني ترقي واري صوبائي وزير مير شبير علي بجاراڻي بن قاسم پارڪ ڪلفٽن ۾ لڳايل بچت بازار جو دورو ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪراچي: صوبائي وزير مير شبير بجاراڻي پاران بن قاسم ۾ بچت بازار جو دورو ڪري رهيو آهي

78 لک خاندانن کي اربع کان اٽي جي
خريداري لاءِ رقم منتقل ٿيڻ شروع ٿي
ويندي: شرجيل انعام ميمڻ جو ٽوئيٽ

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير اطلاعات شرجيل انعام ميمڻ چيو ته انشاء الله سنڌ حڪومت سڀاڻي کان صوبي جي مستحق ماڻهن کي 15.6 ارب روپين جي سبسڊي جي ورڇ شروع ڪري ڇڏيندي. اها رقم اٽي جي خريداري جي مد ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ ماليت
جي موبائل فونز ۽ شراب جي
سمگلنگ ناڪام

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان ڪسٽمز جناح ايئرپورٽ ڪلڪٽريٽ ڪراچي هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ ماليت جي موبائل فونز ۽ شراب جي سمگلنگ ناڪام بڻائي ڇڏيو جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي ڪسٽمز جي عملي دبئي کان ڪراچي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪئنيڊا ايران جي 8 شخصيتن ۽ ٻن ڪمپنين تي پابنديون هڻي ڇڏيون

پابنديون ايران ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙين تي لڳايون ويون

ايران پنهنجي ماڻهن جي جائز مطالبن خلاف بدترين دٻاءُ جي پاليسي ڇڏي : پرڏيهي وزارت

اوٽاوا (م ڊ) ڪئنيڊا ايران جي 8 شخصيتن ۽ ٻن ڪمپنين تي پابنديون هڻي ڇڏيون. پرڏيهي ميڊيا موجب ڪئنيڊا ايران ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

آمريڪا ۾ اسڪول ۾ فائرنگ، 3 شاگرديائيون مارجي ويون

اسڪول تي حملو ڪندڙ جوابدار جوابي ڪارروائي ۾ مارجي ويو

فائرنگ سان زخمي ٿيندڙ هڪ شخص علاج هيٺ آهي : ترجمان وينڊربلٽ يونيورسٽي ميڊيڪل سينٽر

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي رياست ٽينيسي جي شهر نيشول جي اسڪول ۾ فائرنگ سان 3 شاگرد مارجي ويا. پوليس موجب اسڪول تي حملو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

نوشهروفيروز ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيس جي عملي پاران ڪورٽ جا حڪم مڃڻ کان انڪار

ڪنڊيارو جا پرائمري استاد 10 مهينن کان پگهارن کان محروم، نيون آءِ ڊيز ناهڻ لاءِ رشوت طلب

تعلقي جي سڪندر علي، سيد سرمد علي شاهه، نادر علي، بلاول سرگاڻي ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪيو

استادن جون آءِ ڊيون رشوت ڏيڻ جي بغير ناهڻ کان انڪار ڪيو آهي پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن: نوجوان

نوشهروفيروز (ر) ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيس جي عملي پاران ڪورٽ ۽ سيڪريٽري تعليم جا حڪم مڃڻ کان صاف انڪار ڪنڊيارو جا پرائمري استاد 10 مهينن کان پگهارن کان محروم، نيون آءِ ڊيز ناهڻ لاءِ رشوت طلب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهروفيروز: ڪنڊيارو جا پرائمري استاد 10 مهينن کان پگهارن نه ملڻ خلاف احتجاج ڪندي

نوشهروفيروز عورتاڻي آواز ۾ هرڪجي اغوا ٿيندڙ محراب پور جي رهواسين جي وڊيو وائرل

اغوا ڪندڙ ڌاڙيلن پاران وائر ڪيل وڊيو ۾ ٻه ڄڻا زنجيرن ۾ ٻڌل نظر اچي رهيا آهن: وارث

محراب پور جي رهواسي حضور بخش موحاڻي ۽ ارشاد ورڻ ٻه مهينا اڳ اغوا ٿي ويا هئا

نشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) نوشهرو فيروزعورتاڻي آواز ۾ هرڪجي اغوا ٿيندڙ محراب پور جي رهاسين ٻن ڄڻن جي وڊيو وائرل ٿي وئي اغوا ڪندڙ ڌاڙيلن پاران وائر ڪيل وڊيو ۾ ٻه ڄڻا زنجيرن ۾ ٻڌل نظر اچي رهيا آهن وڊيو ۾ ڀهگ جي رقم جي مطالبي لاءِ سنڌن قيد ۾ مجبورماڻهن تي تشدد ڪيو پيو وڃي محراب پور جي رهواسي حضور بخش موحاڻي ۽ ارشاد ورڻ ٻه مهينا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

اسان کي موسمياتي تبديلين لاءِ تيار رهڻ گهرجي: ڊائريڪٽر آپريشن صوبائي ڊزاسٽر مئنيجمنٽ

ماحولياتي آلودگي کي وڌايو آهي سيئي ڪاتن جا آفيسر حاليه بارشن مان سبق سکن، جاڳرتا ڦهلائڻ گهرجي

اسان غير سرڪاري تنظيمن دعوت اسلامي، هيلپنگ هينڊس، يو اين آئي او ايم جا ٿورائتا آهيون: امداد حسين

نوشهروفيروز ۾ اجلاس ۾ پبلڪ هيلٿ جي آفيسرن کان سواءِ سيني تعلقن جي اسسٽنٽ ڪمشنرن شرڪت ڪئي

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ڊائريڪٽر آپريشن صوبائي ڊزاسٽر مئنيجمنٽ اٿارٽي امداد حسين صديقي چيو آهي ته اسان کي موسمياتي تبديلين لاءِ تيار رهڻ گهرجي ڇو ته اسان پاڻ ماحولياتي آلودگي کي وڌايو آهي هن چيو ته سيئي ڪاتن جا آفيسر حاليه بارشن مان سبق سکن ۽ اهڙيون پاليسيون جوڙين جن سان ڪنهن به آفت جي صورت نقصان گهٽ کان گهٽ ٿئي. اسان کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

نوشهروفيروز: ڊائريڪٽر آپريشن صوبائي ڊزاسٽر مئنيجمنٽ اجلاس کي خطاب ڪندي

ڪشمور ۾ بدامني جي باهه وسامي نه سگهي، سج لهڻ شرط شهري ڪاروباري مرڪز بند

شهر راڪاس گهمي وڃڻ وارو منظر پيش ڪرڻ لڳا شهرن کان خريداري ڪندي ڳوٺاڻا پريشان

ڪچي ۽ پڪي ۾ پوليس ٿاڻن جي گهڻائي با وجود پوليس ڌاڙيلن سان ٻٽ هڻڻ ڪري ڪارروائي نه ٿي

گذريل هڪ مهيني دوران هڪ عورت ٻن معصوم ٻارڙن سميت 18 ماڻهون اغوا ٿي چڪا آهن: شهري اڳواڻ

ڪندڪوٽ (رپورٽ - غالب بلوچ) ڪشمور پوري ضلع اندر بدامني جي باهه وسامي نه سگهي هر ماڻهون خوف ۾ ورتل رهي ٿو ۽ سج لهڻ شرط شهري ڪاروباري مرڪز بند ٿي وڃڻ ڪري شهر راڪاس گهمي وڃڻ وارو منظر پيش ڪرڻ لڳا شهرن کان خريداري ڪندي ڳوٺاڻان سج لهڻ کان پهريان پهنجن ڳوٺن ڏانهن وڃڻ تي مجبور ٿيل آهن. رات جو عام مسافر گاڏين جي آمد رفت محدود /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ڏيئي لڳ گورنمينٽ ڊسپينسري ميٺان ۾ گذريل ڇهن مهينن کان ڊاڪٽر مقرر نه ٿيو

آبادي صحت جي سهولتن کان محروم - احتجاج ڊاڪٽرن ۽ دوائن جي ڪوٽ ختم ڪرڻ جي گهر

ڳوٺ ميٺان جي ڳوٺاڻن پوڙهو درس، نور محمد ابڙو، عارب مينگهواڙ، عثمان درس احتجاج ڪيو

دوائن ۽ ڊاڪٽرن جي ڪوٽ ختم ڪري علائقي جي غريبن کي صحت جون سهولتون ڏنيون وڃن: مظاهرين

بدين/ ٽنڊوباگو (نمائندن وٽان) ڏيئي لڳ گورنمينٽ ڊسپينسري ميٺان ۾ گذريل ڇهن مهينن کان ڊاڪٽر مقرر نه ٿيو وڏي آبادي صحت جي سهولتن کان محروم احتجاج ڊاڪٽرن ۽ دوائن جي ڪوٽ ختم ڪرڻ جي گهر خبر موجب ڏيئي لڳ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

بدين/ ٽنڊوباگو گورنمينٽ ڊسپينسري ميٺان ۾ گذريل ڇهن مهينن کان ڊاڪٽر مقرر نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سنڌ حڪومت خانڳڙهه تعلقي اندر ڊگري ڪاليج جي منظوري ڏئي ڇڏي

محمد بخش خان مهر پنهنجي زمين ڊگري ڪاليج لاءِ زمين مختص ڪري ڇڏي

غلام محمد مهر اسپورٽس ڪامپليڪس سامهون ڪاليج جي بلڊنگ لاءِ زمين مختص

هائير اسڪول جي پرنسپال عبدالحنان ڪلوڙ ۽ ٻين ڪاليج جي زمين ماپ پڻ ڪئي وئي

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپورمهر سنڌ حڪومت خانڳڙهه تعلقي اندر ڊگري ڪاليج جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. جڏهن ته منظوري بعد پ پ ايم اين اي سردار محمد بخش خان مهر پنهنجي زمين ڊگري ڪاليج لاءِ زمين مختص ڪري ڇڏي آهي پ پ ايم اين اي سردار محمد بخش خان ۽ سنڌس پاءُ صوبائي صلاحڪار بنگل خان مهر جي ڪوشش سان خانپورمهر ۾ ڊگري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ايف ايف سي انتظاميا ميرپور ماٿيلو جو ساراهه جوڳو: مفت طبي ميڊيڪل ڪئمپ قائم

محمد سليم چيما جي ذاتي ڪاوشن سان اسپيشل ٻارڙن جي اسڪول بلائينڊ اسڪول ۾ ڪئمپ

اسپيشل ٻارڙن سميت سوين مريضن جون ٽيسٽون مفت چڪاس ڪرڻ بعد مفت دوائون فراهم ڪيون

مريضن کي مفت سينيٽائزر ماسڪ پڻ فراهم ڪرڻ سان گڏ و گڏ ويڪسيئن جو ٻيون ڊوز مڪمل ڪيو ويو

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند موتواڻي) ايف ايف سي انتظاميا ميرپور ماٿيلو جو ساراهه جوڳو قدم ايف ايف سي انتظاميا جي برگيڊيئر محمد سليم چيما جي ذاتي ڪاوشن سان اسپيشل ٻارڙن جي اسڪول بلائينڊ اسڪول ۾ ڪاري ڪامڻ هيپاٽائٽس بي، هيپاٽائٽس سي سميت مختلف بيمارين لاءِ مفت طبي ميڊيڪل ڪئمپ قائم مختلف بيمارين جي ماهر ڊاڪٽرن اسپيشل ٻارڙن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

گهوٽڪي: ايف ايف سي انتظاميا ميرپور ماٿيلو پاران مفت طبي ميڊيڪل ڪئمپ قائم ڪئي وئي

سنڌ حڪومت جي حڪم تي سڄي سنڌ جيان سجاول ۾ به رمضان بازار لڳائي وئي

ايم پي اي رئيس محمد علي خان ملڪاڻي ۽ ڊي سي سجاول امتياز احمد ابڙو دورو ڪيو

شهر جي پراڻي سبزي مارڪيٽ ۾ مختلف دڪاندارن جي سهڪار سان بچت بازار لڳائي وئي

رمضان المبارڪ ۾ عوام کي سستيون شيون فراهم ڪرڻ لاءِ سڄي سنڌ ۾ بچت بازارون لڳايون ويون

سجاول (رپورٽ مستنصر لغاري) سنڌ حڪومت جي حڪم تي سڄي سنڌ جيان سجاول ۾ به رمضان بازار لڳائي وئي ايم پي اي رئيس محمد علي خان ملڪاڻي ۽ ڊي سي سجاول امتياز احمد ابڙو دورو ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

دعا فائونڊيشن پاران ڪريسنٽ رليف آسٽريليا جي سهڪار سان راشن ورهايو ويو

چيئرمين عامر خان ۽ وائيس چيئرمين ممتاز عالم پاران ٻوڏ متاثرن ۾ سامان ورهايو ويو

بلوچستان، خيبرپختونخواهه، پنجاب ۽ سنڌ جي ٻوڏ متاثرن ۾ راشن ورهايو پيو وڃي: اڳواڻ

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) دعا فائونڊيشن پاران ۽ ڪريسنٽ رليف آسٽريليا جي سهڪار سان ٻوڏ متاثرن ۾ رمضان راشن پيڪيج 105 ماڻهن ۾ ورهايو ويو. تازو آيل ٻوڏ متاثرن جي مدد لاءِ دعا فائونڊيشن جي چيئرمين عامر خان ۽ وائيس چيئرمين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

گهارو شهر ۾ رمضان المبارڪ جي پهرين مهيني ۾ گورنمينٽ پاران بچت بازار قائم

واپاري ايسوسيئيشن جي صدر پونداس ٽيڪيائي، مختيار لاشاري ۽ ايڊمنسٽريٽر دورو ڪيو

رمضان شريف ۾ هن بچت بازار لڳائڻ سان تمام گهڻو فائدو ٿيو آهي: اسماعيل جتوئي جون ڳالهيون

گهارو (رپورٽ بشام جوکيو) گهارو شهر ۾ رمضان المبارڪ جي پهرين مهيني ۾ گورنمينٽ ۽ واپاري ايسوسيئيشن جي تعاون سان بچت بازار لڳائي وئي جنهن ۾ عام ماڻهن لاءِ خصوصي رعايت ڪئي وئي ان موقعي تي واپاري ايسوسيئيشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

گهارو: رمضان المبارڪ جي پهرين مهيني ۾ گورنمينٽ پاران بچت بازار قائم ڪئي وئي

جان محمد سوسائٽي گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول جان محمد وندير مان چوري

جان محمد وندير مان نامعلوم چور سولر پليٽ چورائي ويا شاگرد گرمي ۾ پڙهڻ لڳا

علائقي جا 20 اسڪول سنڌس سرڪل ۾ شامل ڪيا ويا آهن 30 استاد مقرر ٿيل آهن

جان محمد سوسائٽي (رپورٽر) گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول جان محمد وندير مان نامعلوم چور سولر پليٽ چورائي ويا شاگرد گرمي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ڪمشنر حيدرآباد پاران ٽنڊو محمد خان جي تعلقه بلڙي شاهه ڪريم ۾ دورو

ضلعي انتظاميه پاران لڳايل بچت بازار جو دورو ڪري موجود اسٽالن جو جائزو ورتو

آرڊيننس تي عملدرآمد ڪرائڻ کي يقيني بڻائي عوام کي رليف فراهم ڪيو پيو وڃي

ٽنڊو محمد خان (ڊر مظفر علي بروهي) ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد بلال احمد ميمڻ اڄ ٽنڊو محمد خان جي تعلقه بلڙي شاهه ڪريم پهچي ضلعي انتظاميه پاران لڳايل بچت بازار جو دورو ڪري موجود اسٽالن جو جائزو ورتو ۽ روزمرهه جي استعمال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٺٽي ۾ پاڪستان فلڊ هيلپ ڊاٽ ڪام جي تعاون سان رمضان رليف راشن تحت راشن تقسيم

350 غريب خاندانن ۾ راشن جا ٿيلها ورهائي رليف راشن مهم 2023 جو باقاعده آغاز ڪري ڇڏيو

رمضان رليف راشن تحت مختلف علائقن ۾ غريب ۽ مستحق خاندانن ۾ راشن جا ٿيلها ورهائڻ شروع ڪري ڇڏيا

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) پاڪستان فلڊ هيلپ ڊاٽ ڪام جي تعاون سان رمضان رليف راشن تحت سنڌ پليجا ڪائونسل پاران 350 غريب خاندانن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٺٽو: پاڪستان فلڊ هيلپ ڊاٽ ڪام جي تعاون سان رمضان رليف راشن تحت راشن تقسيم ڪيو پيو وڃي

ٽنڊو محمد خان گرلس هائير سيڪنڊري ڪلسٽر اسڪول ۾ مرد هيڊماسٽر جي مقرري

اسدالله جان سرهندي وزير، صوبائي سيڪريٽري کان فوري طور نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

هائير سيڪنڊري ڪلسٽر اسڪول ۾ مرد هيڊماسٽر جي مقرري جو فوري طور عدالتي نوٽيس ورتو وڃي

ٽنڊو محمد خان (ڊر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ مسلم ليگ ن سنڌ جي اڳواڻ پير اسدالله جان سرهندي گرلس هائير سيڪنڊري ڪلسٽر اسڪول ۾ مرد هيڊماسٽر جي مقرري تي تعليم کاتي جي صوبائي وزير، صوبائي سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

دادو جي پوليس اسٽيشن ڪڪڙ جي ڳوٺ يوسف چنا جي پيرسن جوڙي پاران احتجاج

پيرسن زال مڙس مسمات سڪينا ۽ امين قمبراڻي شهيد ڪلام پاڪ کڻي احتجاج ڪيو

پوليس اهلڪار ۽ سنڌس پٽن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري تحفظ ڏنو وڃي: مظاهرين

دادو (ن سنڌيار) دادو جي پوليس اسٽيشن ڪڪڙ جي ڳوٺ يوسف چنا جي پيرسن زال مڙس مسمات سڪينا ۽ امين قمبراڻي شهيد ڪلام پاڪ کڻي دادو پريس ڪلب پهچي نير هاريندي مبينا الزام هڻندي دانهيو ته قلجي وليج ٽائي جو اهلڪار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

دادو: ڳوٺ يوسف چنا جي پيرسن جوڙي پاران پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج ڪري رهيو آهي

ٽنڊو محمد خان ۾ هيڊمسٽريس پاران دهشتگردي ايڪٽ تحت داخل ڪيس وارو معاملو

ڪيس دهشتگردي جي انت واري عدالت ڪيس مان دهشتگردي واري قلم ختم ڪري ڇڏيا

زاهد جسڪاڻي، جاويد هاليپوٽو، دودو هاليپوٽو خلاف ڪائنس پٽو گهرڻ جو ڪيس داخل ڪيو ويو هو

ٽنڊو محمد خان (ڊر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي گرلس ڪلسٽر هاءِ اسڪول جي هيڊمسٽريس پاران ٽنڊو محمد خان جي 3 قومپرست اڳواڻن خلاف دهشتگردي ايڪٽ تحت داخل ڪرايل ڪيس دهشتگردي جي انت واري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

مورو ٽائي تي ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد پاران شهرين سان کليل ڪچهري منعقد

شهرين، واپارين، ڪائونسلرن سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي کليل ڪچهري دوران شهرين پنهنجا ڪيترائي مسئلا پيش ڪيا

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) مورو ٽائي تي ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد محمد يونس چانڊيو 15 افتتاح ڪرڻ بعد ايس ايس پي نوشهرو فيروز عبدالقيوم پتافي ۽ پاڻ شهرين جي هڪ کليل ڪچهري ڪئي جنهن ۾ معزز شهرين، واپارين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

رورل هيلٿ سينٽر ٺٽون ديرو سرڪاري اسپتال جي سامهون گدام کي باهه لڳي وئي

باهه لڳڻ سبب گدام ۾ پيل لکين روپيه جو قيمتي سامان سڙي خاڪ ٿي ويو، لکن جو نقصان

ميونسپل ڪاميٽي ٺٽون ديرو جي فائربرگيڊ گاڏي باهه واري جڳهه تي پهچي باهه تي ڪنٽرول ڪيو ويو

ٺٽون ديرو (رپورٽ شاد محمود پٽو) رورل هيلٿ سينٽر ٺٽون ديرو (سرڪاري اسپتال) جي سامهون فوجي غلام الله پٽو جي لنڊا جي گدام کي اڄانڪ باهه لڳي وئي باهه لڳڻ سبب گدام ۾ پيل لکين روپيه جو قيمتي سامان سڙي خاڪ ٿي ويو باهه تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ٺٽون ديرو: رورل هيلٿ سينٽر ٺٽون ديرو سرڪاري اسپتال جي سامهون گدام کي باهه لڳي وئي

غوثپور ۾ هفتا اڳ نايرڪوٽ جي سپي شاخ واري علائقي مان نوجوان جي بازيابي لاءِ احتجاج

پنجتيهن ورهين جي نوجوان منظور سولنگي جي بازيابي لاءِ سندس وارثن شهر ۾ احتجاج ڪيو

ڪرمپور پرسان مٿن انڊس هاءِ وي بلاڪ ڪرڻ لاءِ وڃي رهيا آهيون: مظاهرين جون ميڊيا سان ڳالهيون

پوليس جي رٽ ڪٿي به نظر نٿي اچي نه گهرن ۾ محفوظ آهيون نه ئي رات جو سفر ڪري سگهون ٿا

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور ۾ هفتا اڳ نايرڪوٽ جي سپي شاخ واري علائقي مان اڻ ڄاتل هٿياربندن هٿان اغوا ٿيل غوثپور جي مڪي پاڙي جي رهواسي پنجتيهن ورهين جي نوجوان منظور سولنگي جي بازيابي لاءِ سندس وارثن جو شهر جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

دڙو ۾ 10 سالن جو نينگر

محمود واهه ۾ ٻڏي فوت،

گهر ۾ ڪهرام

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو ۾ 10 سالن جو نينگر محمود واهه ۾ ٻڏي فوت، گهر ۾ ڪهرام مچي ويو دڙو جي سرنڌو بازار پرسان رهندڙ 10 ورهين جو معصوم نينگر ... محمود واهه ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

غوثپور: نايرڪوٽ جي سپي شاخ واري علائقي مان اغوا ٿيل نوجوان جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو ويو

ڪراچي ۾ ڪراچي شهر مان مڙس عورت مٿان تشدد ڪندڙ ٽڪ ٽوڪر گرفتار

ويڊيو وائرل ٿيڻ تي پوليس ايڪشن ۾ اچي وئي تشدد ڪندڙ همراهه کي ڳولهي لڌو

گوپال شڪ جي بنياد تي مون سان اهڙو عمل ڪيو پر مون گوپال کي معاف ڪيو آهي: زال

ڪراچي (باغي ساگر پنهوار) ٽڪ ٽوڪر گرفتار گذريل ڏينهن ڪراچي شهر مان مڙس عورت مٿان تشدد ڪندڙ واري ويڊيو وائرل ٿيڻ تي پوليس ايڪشن ۾ اچي وئي تشدد ڪندڙ همراهه کي ڳولهي لڌو سير سائيٽ هائيوي پوليس اسڪيم 33 جي ٻي تي زال جي معاف ڪرڻ بعد آزاد وي سوسائٽي ۾ ڪارروائي ڪري ملزم گوپال ولد يوسف کي گرفتار ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيو گوپال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

حڪومت جي هدايتن تي ڊي سي دادو جي حڪمن تي اسپيشل مئجسٽريٽ فار پرائيز ڪنٽرول پاران دورو

اسپيشل مئجسٽريٽ فار پرائيز ڪنٽرول مختيار ڪار دادو ذوالفقار علي پنهور دورو ڪري اگهن جو جائزو ورتو

ريٽ لسٽ واضح لڳايو ۽ مارڪيٽ ڪاميٽي جي مقرر ڪيل اگهن موجب عام واهپي جون شيون فروخت ڪيون

مختيارڪار دادو جي آفيس ۾ جمع ڪرائين ۽ منهنجا دروازا شهرين لاءِ هر وقت کليل آهن: ذوالفقار علي پنهور

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) سنڌ حڪومت جي هدايتن تي ڊي سي دادو جي حڪمن تي رمضان شريف ۾ مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ اسپيشل مئجسٽريٽ فار پرائيز ڪنٽرول مختيار ڪار دادو ذوالفقار علي پنهور پنهنجي ٽيم سميت دادو شهر جي نيو جونڪ جڙيل شاهه مارڪيٽ فورٽ سبزي گوشت جي دڪانن تي مارڪيٽ ڪاميٽي جي مقرر ڪيل اگهن بابت دورو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

دادو: هدايتن تي ڊي سي دادو جي حڪمن تي اسپيشل مئجسٽريٽ فار پرائيز ڪنٽرول پاران دورو ڪيو ويو

سلطانپور مهانگائي سبب مجبوري يا ڏينهن ڏٺي جو سينا زوري، ڪٽڪ جي دڪان تان چوري

ٻاتي چوڪ اسٽاپ تان انوکي چوري، ڪٽڪ جي دڪان تي پيل ان جا ٻورڻا چوري ڪري فرار ٿيندڙ سوگهو

ٻن موٽرسائيڪلن تي سوار چور وجه وٺي ڪٽڪ جا ٻورڻا کڻي روانا ٿيا ته ڪين پاڙيسري دڪاندارن ڏسي ورتو

پڪڙيل چور کان سنڌس فرار ٿيل ساٿين بابت جاچ ڪئي جيڪي جلد گرفتار ڪيا ويندا: پوليس جون ڳالهيون

سلطانپور (رپورٽ قربان علي مهر) مهانگائي سبب مجبوري يا ڏينهن ڏٺي جو سينا زوري، سلطانپور ويجهو ٻاتي چوڪ اسٽاپ تان انوکي چوري، ڪٽڪ جي دڪان تي پيل ان جا ٻورڻا چوري ڪري فرار ٿيندڙ گهوٽڪي واسي غلام علي مگنهار کي پاڙيسري سوگهو ڪري ورتو سندس ٻه ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب، ٻاتي چوڪ اسٽاپ تي پريل نقير منگريو جي ڪٽڪ خريداري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

گهوٽڪي جي محله محبوب شاهه جي رهواسين جو بااثر جي زيادتين خلاف احتجاج

محبوب شاهه محلي جي رهواسين راشد علي شاهه - عطاءُ الله شاهه، آصف شاهه احتجاج ڪيو

بااثر موسن شاهه هٿيارن جي زور تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو، نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

گهوٽڪي جي عدالت ۾ ڪيس به هلندڙ هو جيڪو اسان جي حق ۾ عدالت سگهوري فيصلو ٻڌايو آهي

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند موتواڻي) گهوٽڪي جي محله محبوب شاهه جي رهواسين جو بااثر جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو، محبوب شاهه محلي جي رهواسين راشد علي شاهه عطاءُ الله شاهه، آصف شاهه احتجاج ڪندي ميڊيا آڏو دانهيندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

گهوٽڪي: محله محبوب شاهه جا رهواسي بااثرن جي زيادتين خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

نوشهروفيروز اندر ڪٽڪ خريد ڪرڻ لاءِ 40 خريداري سينٽر قائم ڪيا ويا: نياز احمد آريجو

ڪرپشن ۾ ملوث فوڊ انسپيڪٽرن کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو: فوڊ آفيسر

حڪومت پاران ضلع نوشهروفيروز مان 14 لک 50 هزار ٻورين خريد ڪرڻ جو ٽارگيٽ ڏنو ويو

فوڊ انسپيڪٽر مقرر ڪري ڇڏيا آهن ۽ اهڙو ڏنل ٽارگيٽ هڪ مهيني اندر مڪمل ڪيو ويندو

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ضلعي اندر ڪٽڪ خريد ڪرڻ لاءِ 40 خريداري سينٽر قائم ڪيا ويا آهن هڪ مهيني اندر سنڌ حڪومت پاران ڏنل حدف مڪمل ڪيو ويندو ڪرپشن ۾ ملوث فوڊ انسپيڪٽرن کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو اهڙن خيالن جو اظهار نوشهروفيروز جي ڊسٽرڪٽ فوڊ آفيسر نياز احمد آريجو پنهنجي انٽرويو دوران صحافين سان ڳالهائيندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

وارهه بيگناهه بي دردي سان قتل ٿيل نوجوان علي احمد بروهي جي والده پاران احتجاج

مظلوم ماءُ کي پٽ جو لاش ۽ انصاف ڏيارڻ لاءِ سوشل ورڪرن پاران ٻي ڏينهن به مظاهرو ڪيو ويو

علي احمد بروهي جي مظلوم ماءُ کي لخت جگر جو لاش ڏئي قاتلن کي قانوني سزا ڏني وڃي: مظاهرين

هي وڏيرو جتي قاسي پيو اتي سرداري نظام جو سهارو وٺندي پئسا ڏئي پنهنجي جان ڇڏائي پيو وڃي

وارهه (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) وارهه بيگناهه بي دردي سان قتل ٿيل نوجوان علي احمد بروهي جي مظلوم ماءُ کي پٽ جو لاش ۽ انصاف ڏيارڻ لاءِ سوشل ورڪرن پاران ٻي ڏينهن به چارٽ هٿن ۾ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو سوشل ورڪر رياض ڪلهوڙو ۽ محمد علي چانڊيو طرفان ٻي ڏينهن به احتجاج، مقتول علي احمد بروهي جي مظلوم ماءُ کي سنڌس جي لخت جگر جو لاش ڏئي قاتلن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

وارهه: قتل ٿيل نوجوان علي احمد بروهي جي والدين پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

غلام الله شهر ۾ رمضان شريف

جي پهرين مهيني ۾ مهانگائي

جو راڪاس

غلام الله (رپورٽر) غلام الله شهر ۾ رمضان شريف جي پهرين مهيني ۾ مانگهائي چوٽ چڙهيل آهي غريب پورهيت طبقو سخت پريشاني جي ور چڙهيل آهي واپارين هڪ هٽي قائم ڪري ڇڏي آهي غلام الله شهر ۾ اٽو 150 روپيا ڪلو گيهه 600 فروٽ پاڇين مچي ۽ ٻين روزمره جي شين جا اگهه چوٽ چڙهيل آهن واپارين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڪڏڙو شهر ۽ آس پاس ۾ ڪيترن ٻهراڙي وارين علائقن ۾ ڪيترا وٿاڻ خالي

ڪيترا وٿاڻ خالي ٿي ويا ويٽرنري ڊاڪٽر به منظر عام، تان غائب، لائيو اسٽاڪ کاتو به خاموش

وڪيل وائر فقير جي ڪوهي، 15 جمڙائو ۽ ٻين علائقن ۾ مال ۾ مختلف بيماريون پکيڙجي ويون

ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي ته اسان وٽ فلحال ڪا به ويڪسين ۽ نه وري ڪا ميڊيسن آهي: مالوندن جون ڳالهيون

ڪڏڙو (رپورٽر ثناءالله ٽالپر) ڪڏڙو شهر ۽ آس پاس ۾ ڪيترن ٻهراڙي وارين علائقن جي مالوندن جي مال ۾ مختلف قسمن جون بيماريون پکيڙ جي ويون، ڪيترا وٿاڻ خالي ٿي ويا ويٽرنري ڊاڪٽر به منظر عام تان غائب، لائيو اسٽاڪ کاتو به ويڪسين ۽ ميڊيسن پگهرڻ جي من تي ڳڙڪائي ڇڏي، غريب مارڙن جو مال بيماري ويکهي مرڻ لڳو خبر موجب، ڪڏڙو شهر ۽ ان جي آس پاس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

اربع 29 مارچ 2023ع

سرڪاري سستي بازارن مان عوام کي لاڀ نه مليو

سموري دنيا ۾ خاص موقعن تي شيون سستيون ٿينديون آهن جڏهن ته اسان وٽ وري معاملو ان جي ابتڙ هلندو آهي. رمضان جتي واپارين جي لاءِ ڪمائي وارو مهينو هوندو آهي اتي هر ننڍي توڙي وڏي شهر ۾ مافيائون عوام جي ابتي کل لاهڻ جي لاءِ رمضان شريف جي ڀلاري مهيني جو انتظار ڪنديون آهن. اڳ ئي غربت جي مقرر حد پار ڪري ويندڙ عوام جو حال خراب کان خراب تر ٿي ويو آهي. پروقت جي حڪومت سڪڻن اعلانن ڪرڻ ۾ رڌل آهي. ڪنهن به سطح تي ڪو اهڙو عملي قدم نظر نٿو اچي، جنهن مان اهو ثابت ٿئي ته حڪومت عوام کي رليف ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي آهي. ويجهڙائي ۾ سنڌ جي وڏي حصي کي غيرمعمولي برسات ۽ ٻوڏ گهڻو متاثر ڪيو هو مٿان وري عالمي اداري کان ملڪ کي ڏيوالي ٿيڻ کان بچائڻ جي لاءِ ورتل ڪوشش جي آڙ ۾ لازمي اسم جي هر شيءِ جو اگهه وڌايو ويو جنهن سان مهانگائي جو اهڙو طوفان آيو آهي جو عام ماڻهو پنهنجي رواجي زندگيءَ گهارڻ کان لاچار ٿي ويو آهي. سنڌ ۾ حڪومت پنهنجي طور تي رمضان دوران عوام کي سستي اگهه تي عام واهپي جي شين جي لاءِ سستين رمضان بازارن جو سلسلو شروع ڪيو آهي پر ان مان تاحال عوام کي ڪنهن به طرح جو ڪو فائدو نه پيو آهي، ڇاڪاڻ جو ڪٿي انهن بازارن ۾ لڳل اسٽال تي گهربل سامان نه آهي ته ڪٿي وري اهي بازارون لڳي ئي نه سگهيون آهن. هن وقت انهن بازارن جي حالت اها آهي جو اهڙيون بازارون جهڙوڪ عوام سان مذاق ٿي ويون آهن. سنڌ سرڪار پاران مهانگائي ستيل عوام جي لاءِ قائم سستين بازارن جي سلسلي ۾ لاڙڪاڻي، نصير آباد، گهاري، جهول ۽ فيض گنج ۾ بچت بازارن لاءِ لڳايل اسٽال خالي نظر آيا. جنهن ڪري اتي آيل خلق پريشان ۽ مايوس ٿي واپس هلي وئي. ماڻهن کي ٿورو گهڻو آسرو ٿي پيو هو ته هو مهانگائي جي هڪڙي حالت ۾ ڪجهه بچت ڪري سگهندا پر سندن اهڙي خواهش پوري نه ٿي سگهي. هر هڪ گهر جي لاءِ لازمي اسم، کنڊ، گيهه، چانور ۽ ٻيون شيون وٺڻ لاءِ پهتل شهري مايوس ٿي واپس هليا ويا. سنجهورو ۾ قائم ڪيل بچت بازار ۾ غير معياري اٽي ملڻ خلاف شهرين احتجاجي مظاهرو پڻ ڪيو. هنن جو چوڻ هو ته سستي اٽي جي نالي تي صحت لاءِ هاڃيڪار ۽ صفا خراب اٽو ڏنو پيو وڃي. اهڙي واقعي بعد جهول جي اسسٽنٽ ڪمشنر غير معياري اٽو فراهم ڪندڙ هڪ فلور مل کي سيل به ڪري ڇڏيو آهي. اسسٽنٽ ڪمشنر ان ڳالهه جي تصديق ڪئي ته هڪ فلور مل مان غير معياري اٽو مارڪيٽ ۾ وڪرو ٿي رهيو هو. سموري سنڌ جي لڳ ڀڳ ساڳي صورتحال آهي، جتي عام واپاري پنهنجي مرضي جا اگهه وصول ڪري رهيا آهن، جن خلاف ڪامورا رسمي ڪارروائي ڪن ٿا، پر ان جو ڪو ڪٽيل نه پيو نڪري. هڪڙي پاسي سستين رمضان بازارن جي نالي تي عوام سان چرچا ڪيا پيا وڃن ته وري ٻئي پاسي رمضان ۾ ميون توڙي ڀاڄين جو اگهه پڻ عام ڏينهن کان وڌيڪ ورتو پيو وڃي. حڪومتي مشينري ۽ ڪامورا يقينن اگهه پار ڪنٽرول ڪرڻ جي لاءِ بازارن ۾ نظر اچي رهيا آهن، پر انهن جي وڃڻ بعد وري واپارين جي ساڳي من مستي جاري آهي. جنهن ڪري اهڙين ڪوششن جو ڪو به عملي فائدو ماڻهن کي نه پيو ملي.

سنڌ حڪومت کي سمورن تعلقن ۾ مستقل بنيادن تي عوام کي واپارين جي ڪر مستين ۽ مافيائن جي ظلم کان بچائڻ جي ضرورت آهي، جنهن جي لاءِ سرڪار کي رٽ قائم ڪرڻ جي لاءِ جيڪي قدم کنيا پيا وڃن انهن کان وڌيڪ اثرائتا قدم کڻڻ جي ضرورت آهي ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ پڻ لازمي آهي ته هر واپاري پاڻ کي قانون جو پابند محسوس ڪندي عوام کي اجائي نفعي جي لاءِ تنگ نه ڪري. ضلعي توڙي تعلقي عملدارن ڏس ۾ جوڳا قدم کڻي واپارين سان گڏجاڻيون ڪري ڪين آماده ڪري سگهن ٿا، ٻي صورت ۾ سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. جڏهن بنا ڪنهن رعايت جي عمل ڪيو ويندو تڏهن وڃي ان جو ڪجهه نتيجو نڪرندو، ڇاڪاڻ جو اهڙا مسئلا معاشري ۾ گهر ڪري ويا آهن، جن کي ختم ڪرڻ جي لاءِ لڳاتار چوڪسي ڪرڻ ۽ قانون تي بي رحمي سان عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي.

غريبن کي مفت اٽي جي بدلي موت مليو

هڪ رپورٽ موجب ملڪ جي مختلف علائقن ۾ اٽي جي کوٽ پيدا ٿيڻ بعد سرڪار پاران مفت اٽي واري اسڪيم مان فائدو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ 6 شهرين حياتي وڃائي ڇڏي. ملڪ ۾ غربت، بدحالي ۽ مهانگائي سبب عوام جو صبر جواب ڏئي ڇڏيو آهي. کاڌي جي لاءِ بنيادي اسم اٽو اڻ لڀ ٿي ويو آهي، جنهن ڪري هر ماڻهو پريشاني جي ور چڙهي ويو آهي، مفت اٽو ته نه مليو پر ان دوران ماڻهن جون زندگيون ضايع ٿي ويون. ان هوندي به سرڪار توڙي انتظاميا عزت ۽ امن سان عوام کي اٽي ڏيڻ جو ڪو طريقو نٿا ناهي سگهيا آهن. ٻکر ۾ ڪلاڪن تائين قطار ۾ بيهڻ جي ڪري هڪ شخص فوت ٿي ويو. مظفر ڳڙهه ۾ پاڃ پوڻ سبب بزرگ عورت فوت ٿي وئي، ملتان، فيصل آباد ۽ ڪوٽ ادو ۾ قطارن ۾ انتظار دوران 3 ڄڻا دل جي دوري پوڻ سبب فوت ٿي ويا. صوبي ڪي پي ڪي جي شهر چارسده ۾ به پاڃ جي نتيجي ۾ هڪ شهري فوت ٿي ويو. ان کان علاوه پشاور ۾ به اٽو نه ملڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو. عورتن روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو جڏهن ته ديرا غازي خان جي تعلقي تونسا ۾ اٽي نه ملڻ خلاف شهرين نئين مقرر اسسٽنٽ ڪمشنر آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو اسسٽنٽ ڪمشنر جي گارڊ، ضرورتمند عورت کي چماٽون هنيون. جنهن تي شهري ڪاوڙ ۾ اچي ويا ڪاموري جي گاڏي مٿان چڙهي ويا.

هن ئي ملڪ ۾ ڪي اهڙا سماجي ادارا به آهن جيڪي عوام کي ماڻهو جي عزت مجروح ٿيڻ بنا ڪاڌو ڏين ٿا، علاج ڪن ٿا، انهن جي سنڀال پڻ ڪن ٿا. ڪاش! سنڌ حڪومت توڙي وفاقي حڪومت انهن سماجي ادارن کان ئي ڪجهه سکيا حاصل ڪري، ته ڪر اهڙا واقعا نه ٿين. جنهن سان عوام جي حياتي به محفوظ نٿي رهي ۽ ان جو وقار به مجروح ٿئي ٿو

رياست، سياست ۽ عوام

اعجاز منگي

عمران خان جي سياست ملڪ ۾ وچوٽيون وجهي ڇڏيون آهن. مريم نواز کليل لفظن ۾ سپريم ڪورٽ مٿان تنقيد ڪري رهي آهي. شهباز شريف صدر مٿان جانبداريءَ جون تهمتون مڙهي رهيو آهي. عمران خان جا حامي سوشل ميڊيا توڙي جلسن ۾ اسٽيبلشمينٽ جي خلاف اهڙا لفظ لکي رهيا آهن، جن جو ملڪي ماضيءَ ۾ ڪنهن تصور به نه ڪيو هو. هن وقت اهو ڪجهه ٿي رهيو آهي، جيڪو اڳ ۾ ڪڏهن نه ٿيو هو. اها آزادي نه پر انارڪي آهي. ڇو ته آزاديءَ جي حيثيت قانوني هوندي آهي. اها ترتيب ۾ هوندي آهي. ان ۾ مخصوص توازن نظر ايندو آهي. جڏهن ته انارڪيءَ جو ڪو به طرف ۽ ان جي منزل جو ڪو به تعين نه هوندو آهي. اها واچوڙي وانگر ڦرندي ۽ پنهنجي گهيري جي گرفت ۾ آيل شين کي ڦريندي رهندي آهي. پاڪستان جي سياسي صورتحال هڪ واچوڙي واري آهي. ملڪ ۾ سياسي بحران جي وجود کان ڪنهن کي به انڪار ڪونهي. حڪومت ۾ شامل پارٽيون به اهو تسليم ڪرڻ تي مجبور آهن ته هن وقت ملڪ ۾ سخت قسم جو سياسي بحران آهي. پر سوال اهو آهي ته ان بحران جو سبب ڪهڙو آهي؟ ڇا اهو بحران عوام پيدا ڪيو آهي؟ ان بحران جو ذميوار ڪير آهي؟ اهو بحران پيدا ڪندڙ اهي ئي سياستدان آهن، جيڪي سازش جي ذريعي اقتدار ۾ اچن ٿا ۽ سازش سبب اقتدار کان الڳ ٿين ٿا. اهو بحران ان ڪري به جنم وٺي ٿو ته ڪٿي ڪجهه ڳوٺ ۾ اهڙيون قوتون فيصلا ڪن ٿيون، جن جو ڪم اهو ناهي. جڏهن سياست مان عوام کي آئوٽ ڪيو وڃي ۽ سياست جي اصل سگهه اسٽيبلشمينٽ سمجهي وڃي ته پوءِ ملڪ ۾ يقيني طور تي اهو منظر پيدا ٿيندو، جيڪو افراتفريءَ وارو هوندو. هن مهل عوام مهانگائيءَ سبب حقيقي عذاب کي منهن ڏئي رهيو آهي. عوام کي ڪنهن به طرح سان سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته هن جي مجبوريءَ ۽ مفلسيءَ جو انت ڪڏهن ايندو؟ هاڻي ته هر ڏينهن نه پر هر ڪلاڪ ۾ شيون عوام جي پهچ کان مٿي ٿينديون پيون وڃن ۽ صورتحال ان طرف وڌي رهي آهي، جتي ملڪ ۾ بک ۽ بدحاليءَ جو ديو امن ۽ اطمينان جو ساهه نپوڙي ڇڏيندو.

ملڪ ۾ هڪ طرف مهانگائي وڌي رهي آهي ۽ ٻي طرف لاقانونيت ۾ اضافو اچي رهيو آهي. اسان جي حڪمرانن کي اها حقيقت سمجهڻ گهرجي ته صرف اهي معاشرا پرامن هوندا آهن، جن معاشرن ۾ معاشي انصاف ۽ سماجي سڪون هوندو آهي. جتي عوام کي اها چنتا نه هوندي آهي ته هو صبح جو اٿندا ڇا کائيندا؟ ڇا اوهان ڪنهن به اهڙي معاشري جو تصور به ڪري سگهو ٿا، جتي ماڻهن کي اهو يقين نه هجي ته اهي ايندڙ ويلو کائي به سگهندا يا نه؟ پاڪستان ۾ هن وقت عوام جو وڏو حصو ان صورتحال کي منهن ڏئي رهيو آهي. ان جي حالت تمام گهڻي غيريقينيءَ واري آهي. هن کي اها پڪ ناهي ته انهن جو آئيندو ڪهڙو هوندو؟ هو هر ڏينهن نئين سر جدوجهد ڪن ٿا. هو نئين سر زندگيءَ جي گاڏي کي گهلين ٿا. هو پنهنجي پيرڙا کي پٽيون ٻڌي وري جيون جي جنگ ۾ مصروف ٿي وڃن ٿا. انهن جي ان حال جو حل اهو ناهي ته انهن کي به چار هزار بينظير جي نالي ۾ ڏنا وڃن. اها ته سياسي رشوت آهي. ڇا ان سان عوام جا درد دور ٿي ويندا؟ ماڻهن جا ڳاهٽ صرف ٻن ڏينهن جي گذاري لاءِ قطارون ناهي بيهن ٿا ۽ هو اهو ڪجهه ڪن ٿا. جيڪو انساني وقار جي ابتڙ آهي.

غربت پهريون حملو انسان جي عزت نفس تي ڪندي آهي. هن مهل عوام اهو وساري وينو آهي ته آخر سمان ڪهڙي پکيءَ جو نالو آهي. جڏهن مجبوريون تمام گهڻيون وڌي وينديون آهن ته ڪنهن کي ياد رهندو آهي ته عزت جي آخري حد ڪٿي آهي؟ اسان جي معاشري ۾ اهو ليڪو مسلسل لتاڙ هيٺ آهي. جيڪو عزت ۽ ذلت جي وچ ۾ تفريق پيدا ڪندو آهي. اسان جو عوام ماضيءَ جي مقابلي ۾ وڌيڪ مصيبت جو شڪار آهي. اردوءَ جي استاد شاعر مير تقي مير لکيو آهي:

"ڦرتي هين مير خوار ڪوئي پوچتا نهين
اس عشق مين تو عزت سادات بهي گئي"

جمهوريت عوام جي عزت جي پهريدار هوندي آهي. پر پاڪستان ۾ جمهوريت عوام جي عزت جو تحفظ ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي آهي. عوام کي لوٽڻ ۽ لتاڙڻ سياست جو پيشو بڻجي ويو آهي. عوام کي استعمال ڪرڻ ۽ پوءِ اڇلائي ڇڏڻ واري ريت سياست جي رڳ رڳ ۾ رچي وئي آهي. ڇا ان طرح سان عوام کي انهن جو وڃايل وقار حاصل ٿيندو؟ پاڪستان ۾ جيڪو ڪجهه به ٿي رهيو آهي، ان ۾ عوام ته سراسر نقصان جو شڪار آهي. عوام جي مٿان مسلسل آفتون ۽ شامتون ڪڙڪي رهيون آهن. هڪ طرف غربت ۽ اها به تمام گهڻي غربت آهي ۽ ٻي طرف مهانگائيءَ جو طوفان هر پل تيز تر ٿي رهيو آهي. ان سموري منظرنامي ۾ سياست جو ڪردار ڪنهن اهڙي ويڄ وارو آهي. جيڪو سور گهٽائڻ بدران سور وڌائڻ جو سبب بڻجي.

سياست جي سيني ۾ دل نه هوندي آهي پر سياست جي اکين ۾ شرم ته هجڻ گهرجي. جيڪڏهن پاڪستاني سياست جي اکين ۾ ترجيترو به حيا هجي ها ته اڄ اسان جي صورتحال ايتري بري نه هجي ها. اڄ اسان جنهن به حالت ۾ آهيون. ان جو سبب سياست آهي. اها سياست جيڪا ڪڏهن اقتدار تي قبضو ڪرڻ جي سازش ڪري ٿي ۽ اها سياست جيڪا ڪڏهن ملڪ جا مسئلا ڏسي ڏري وڃي ٿي ۽ پنهنجي وک پوئتي ڪرڻ کان سواءِ هن وٽ ٻيو ڪو آپشن نه ٿو هجي. سياست جي مٿان اهو الزام مڙهڻ جو سبب اهو ناهي ته ڪو راقم الحروف سياست جي وجود جو مخالف آهي. اهو ڪيئن ممڪن آهي ته سياست کي ڪنهن به طرح سان نندي ۽ ناڪاره شيءِ قرار ڏنو وڃي؟

سياست هڪ سگهه آهي. هڪ قوت آهي. اها قوت جيڪا عوام جي فائدي جو سبب بڻجي سگهي ٿي ۽ اها عوام جي مٿان عذابن جا بار به وڌائي سگهي ٿي. جيڪڏهن سياست عوامي آهي. جيڪڏهن سياست ماڻهن جي حق ۾ آهي. جيڪڏهن سياست انسان دوست ۽ اصولي آهي ته پوءِ اها رحمت هوندي آهي. جڏهن سياست عوام جي مخالف هجي. جڏهن اها مڪمل طور تي اقتداري هجي ۽ جڏهن اها پنهنجي اقتداري مفاد جي لاءِ عوام جي بنيادي حقن کي لتاڙي ته پوءِ اها رحمت نه زحمت هوندي آهي. هن وقت ملڪ ۾ جنهن سياست جا دهل وڄي رهيا آهن. اها سياست مڪمل طور تي نه صرف غير عوامي آهي پر غلط ۽ عوام مخالف آهي. ڇو ته ان ۾ عوام جو ڪو ذڪر ئي ڪونهي. ان ۾ عوامي حقن جو ڪو آواز ئي موجود ناهي. اها سياست سراپا سازش ۽ عوام مخالف آهي. اها صرف ۽ صرف عوام کي پنهنجي اقتداري مفاد لاءِ نچائي، ڪڏائي ۽ جهنڊا جهولائي ٿي. ان سياست ۾ عوام لاءِ همدرديءَ جو ذرو پرزو به ناهي.

حڪومت جي ايجنڊا تي ته پنهنجي ختم ٿيندڙ اقتدار کي ڪنهن طرح سان ڇڪي اڳتي وڌائڻ جو حرص آهي. ان کي ته اها پرواهه ئي ناهي ته عوام ڪهڙي عذاب ۾ آهي. اها ته عوام کان پنهنجو رشتو ناتو ڪٽي چڪي آهي. ان کي هاڻي عوام جي ڪا ڪاڻ به ڪونهي. ڇو ته ان جو مڪمل ويساهه ان قوت ۾ آهي. جنهن قوت جي مدد سان هو اقتدار ۾ آيا آهن. انهن کي اهو به معلوم آهي ته انهن جو اهو فيصلو انهن جي سياسي خودڪشي وارو آهي ۽ انهن کي ان جي ڪا پرواهه به ناهي. انهن جو مفاد صرف مال ميڙڻ ۽ لٽيل مال جو تحفظ ڪرڻ آهي هن جي ايجنڊا تي صرف ۽ صرف هو پاڻ آهن.

عمران خان کي اهو ناز آهي ته عوام هن جي حامي آهي. عوام هن جو ديوانو آهي. هو پاڪستان جي تاريخ جو تمام گهڻو مقبول ليڊر بڻجي ويو آهي. اقتدار ۾ اچڻ کان وٺي اقتدار کان نڪرڻ تائين عمران خان جي ڪنهن به اظهار ۾ عوامي مسئلن جو اهو اظهار ئي ناهي. جيڪو محسوس ڪرائيندو آهي ته ڪنهن جي دل ۾ عوام جي لاءِ ڪيتري ڳڻتي آهي؟ هن وقت به هو ڪلاڪن جا ڪلاڪ تقريرون ڪري ٿو ۽ هر ڏينهن هو ڏيهي ۽ پرڏيهي ميڊيا کي انٽرويو ڏئي ٿو پر هن جي ڪنهن به بيان ۾ ان تشويش جي هلڪڙي جهلڪ به ناهي. جيڪا هن عوام دوست سياست ۾ هوندي آهي يا هجڻ گهرجي. عمران خان جي حوالي سان اها ڳالهه بنهه واضح ۽ چٽي آهي ته هو جيڪا به گفتگو ڪندو آهي. ان جو محور هن جي پنهنجي ذات هوندي آهي. هن جي ڳالهه جي ابتدا پاڻ کان ٿيندي آهي ۽ پنهنجي اظهار جي انتها به هو پنهنجي ذات تي ڪندو آهي. هن وٽ "مان مان مان" جي اهڙي ته رٽ آهي، جيڪا عوامي مفاد کي مڪمل طور تي رد ڪندي وڃي ٿي. هن کي اهو به معلوم ناهي ته عوام ڪهڙي مصيبت ۾ آهي؟ هن کي صرف ۽ صرف وڃائجي ويل ته پر کسيل اقتدار گهرجي. هن جي پوري سياست اقتدار جي چوڌاري گردش ڪري رهي آهي. ان حوالي سان عمران خان ۽ اقتدار ۾ موجود حڪمرانن ۾ ڪو به تفاوت ناهي. جيڪڏهن ڪو فرق آهي به ته اهو آهي جو هڪ ڌر اقتدار بچائڻ جي چڪر ۾ آهي. ٻي ڌر اقتدار ۾ اچڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهي. پاڪستان ۾ حزب اقتدار ۽ حزب اختلاف اقتدار جي لاءِ ڪشمڪش ۾ هوندا آهن. انهن ٻنهي جي منزل اقتدار هوندي آهي. هو عوام جي سلسلي ۾ سوچڻ لاءِ تيار ئي نه هوندا آهن. جيڪڏهن انهن کي ڪڏهن عوام ياد به ايندو آهي ۽ هو عوام جو ذڪر به ڪندا آهن ته صرف ۽ صرف انهن ووٽن جي حوالي سان جيڪي ووٽ انهن جي اقتدار ۾ اچڻ جو رستو صاف ڪري انهن جي لاءِ نوٽن جو بندوبست ڪندا آهن. ملڪ ۾ سياسي منظرنامو ڪجهه هن ريت آهي ته هڪ طرف عوام آهي ۽ ٻي طرف اقتدار آهي. سياست ان طرف آهي، جنهن طرف اقتدار آهي. عوام ان طرف آهي، جنهن طرف غربت آهي. غم آهي. تشويش آهي. تڪليف آهي. سور آهن. پور آهن. هڪ مڪمل طور تي غيريقيني صورتحال جي وڌندڙ تاريڪي آهي. ان اونداهيءَ ۾ صبح جو پتو ڪنهن کان پڇجي؟

صوفيءَ سيرَ سِپ ۾، جيئن رڳن ۾ ساهه:
سانه ڪري ڳالهڙِي، جيئن پوين پروڙي پساهه:
آهِس اِيَ گناهه، جي ڪا ڳري پڌري

سياسي بحران جو حل

اختر حفيظ

پاڪستان ۾ سياسي حوالي سان ٻه ڪم اڄڪلهه بنهه گهڻا ٿي رهيا آهن. هڪ آڊيو ليڪس ۽ ٻيو ڪي اهڙا انڪشاف جيڪي لازمي طور سامهون اچڻا هئا پر انهن جو موقعو مهل طئي ڪونه ٿيو هو. اڄڪلهه اڳوڻي آرمي چيف قمر جاويد باجوا جي هڪ انٽرويو جو گهڻو ذڪر ٿي رهيو آهي، جنهن ۾ هن نه رڳو عمران خان نيازيءَ جي حڪومت بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي آهي پر ان وقت جي اپوزيشن پارٽي نواز ليگ بابت به ڳالهايو آهي. انهيءَ انٽرويو ۾ انهن ملاقاتن جو ذڪر به آهي جيڪي ڳجهي نموني عمران خان نيازي قمر جاويد سان ڪيون هيون. پر ساڳئي وقت آرمي چيف اهو پڻ چيو آهي ته هن اهڙو ڪو به انٽرويو ڪونه ڏنو آهي. پر جيئن ته هاڻ اهي سڀئي ڳالهيون پڌريون ٿي ويون آهن، تنهنڪري هاڻ ڪيترو به انڪار ڪيو وڃي، ماڻهو باجوا تي اعتبار ڪونه ڪندا. ان انٽرويو ۾ اهو ڄاڻايو ويو آهي ته عمران خان نيازيءَ سان قمر جاويد جون ٻه ملاقاتون ڪرائيندڙ ماڻهو ڪو ٻيو نه پر اڳوڻو ڊي جي آءِ ايس آءِ جنرل فيض حميد هو جنهن ايوان صدر ۾ ملاقاتن جو بندوبست ڪيو هو پر ٻئي ملاقاتون بنا نتيجي جي ختم ٿي ويون هيون. ان کان سواءِ قمر جاويد باجوا اهو پڻ چيو ته عمران خان نيازي ڪوڙو آهي. جڏهن ته هن پنجاب ۾ حمزا شهباز کي وڏو وزير بڻائڻ تي شهباز شريف جو ڪلاس وٺڻ جي ڳالهه پڻ ڪئي هئي. ملڪ جي اسٽيبلشمينٽ ڪهڙي ريت سياسي پارٽين کي ڪنٽرول ڪري ٿي ۽ ڪهڙي ريت سڄي سياسي عمل ۾ پنهنجي مداخلت جاري رکندي ايندي آهي، ان جو ثبوت اڳوڻي آرمي چيف جي ڏنل انٽرويو مان چڱي ريت لڳائي سگهجي ٿو. تنهن هوندي به اسٽيبلشمينٽ جو چوڻ آهي ته اها ڪڏهن به مداخلت ناهي ڪندي ۽ نه ئي ان جو سياسي عمل سان ڪجهه تعلق آهي پر اهو ممڪن ئي ناهي ته ملڪ جي اسٽيبلشمينٽ سياسي پارٽين کي پنهنجي وس ۾ نه ڪندي هجي. هن وقت به جيڪا صورتحال نظر اچي پئي، ان ۾ به عمران خان نيازي فوج ڏانهن واجهائي رهيو آهي، ڇاڪاڻ ته هن کي خبر آهي فوج کي راضي ڪرڻ کان سواءِ هو اقتدار نٿو ماڻي سگهي ۽ نه ئي هن کي اقتدار ويجهڙ ۾ ملڻ جا امڪان آهن. چونڊن جي نتيجي ۾ جيڪڏهن هو ملڪ ۾ وڏي انگ ۾ سيٽون ٻهاري به وڃي ٿو ته ان ڳالهه جي ضمانت ڪونهي ته کيس اقتدار ملي سگهندو. شيخ مجيب جڏهن وڏي مينڊيٽ سان کٽي آيو هو ته کيس اقتدار نه ڏنو ويو ان وقت ذوالفقار علي ڀٽو اسٽيبلشمينٽ جو مهرو بڻجي سامهون آيو ۽ ڪجهه سالن کان پوءِ پاڻ ئي فوج جي ظلم جو شڪار ٿي ويو 2018ع وارين چونڊن کان پوءِ به عمران خان نيازيءَ لاءِ وزيراعظم ٿيڻ جي جاءِ ڪونه پئي ٺهي پر پوءِ اهو اسپيس پيدا ڪيو ويو. جيڪڏهن اسٽيبلشمينٽ ان وقت اهو طئي ڪري وٺي ها ته هر حال ۾ شهباز شريف کي وزيراعظم ڪرڻو آهي ته عمران خان نيازيءَ کي ڪڏهن به اقتدار نصيب نه ٿئي ها پر جيئن ته اهو طئي ٿي ويو ته هر حال ۾ هڪ نئون سياسي تجربو ڪرڻو آهي، تنهنڪري ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائي عمران خان نيازيءَ کي وزيراعظم ڪيو ويو اهڙي ريت هو وزير اعظم ته ٿي ويو پر سندس حڪومتي ڪارڪردگي اسٽيبلشمينٽ کي مطمئن نه ڪري سگهي. هونئن ته اها هڪ غير ضروري ڳالهه آهي ته ڪنهن به حڪومت جي ڪارڪردگيءَ سان اسٽيبلشمينٽ مطمئن هجي. اسٽيبلشمينٽ جو ڪم حڪومتي ڪارڪردگيءَ مان مطمئن ٿيڻ نه پر ان سان سهڪار ڪرڻ هوندو آهي. پر هتي اقتدار جون سڀئي واڳون ئي اسٽيبلشمينٽ وٽ هونديون آهن. تنهنڪري پاڪستان ۾ ان جو مطمئن هجڻ لازمي آهي. سياسي جنگ جو ميدان هن وقت پنجاب لڳو پيو آهي، جنهن سدائين ملڪ جي ٻين صوبن جا حق غصب ڪيا آهن. ان کان سواءِ اهو ملڪ جي وسيلن تي به قابض آهي. پنجاب سدائين ٻين صوبن کي پاڻ ۾ ويڙهائي اقتدار جا مزا ماڻيندو رهيو آهي پر هي پهريون ڀيرو ٿيو آهي جو پنجاب جو عوام پي ٽي آءِ جي پليٽ فارم تان اسٽيبلشمينٽ جي سامهون آهي. تنهنڪري اها ويڙهه اهم به آهي. پر ٻئي پاسي نواز ليگ اسٽيبلشمينٽ مخالف نعرو ڇڏي، ان جي پرڇانوَ تي ويٺي آهي، جنهن مان اندازو لڳي ٿو ته اها ان سان معاملا ڪنهن به ريت خراب ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي. ملڪ ۾ گذريل ڪجهه سالن کان جيڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي، ان جا مک ڪردار اڳوڻو آرمي چيف، اڳوڻو ڊي جي آءِ ايس آءِ ۽ اڳوڻو چيف جسٽس ثاقب نثار آهن. پر ڇا هاڻوڪي حڪومت ۾ ايتري همت آهي جو انهن خلاف ڪا ڪارروائي ڪري سگهي. جڏهن ملڪي سياست جا معاملا ئي سياستدانن جي هٿ وس نه آهن ته پوءِ غير سياسي عنصرن خلاف ڪارروائي ڪرڻ به ممڪن نٿو ٿي سگهي. اڄ اسٽيبلشمينٽ خلاف جيڪا ٻولي عمران خان نيازي استعمال ڪري رهيو آهي، ڪالهه اها نواز ليگ استعمال ڪري رهي هئي ۽ ان جي مقبوليت عوام ۾ وڌي رهي هئي پر هن وقت مقبول ترين پارٽي پي ٽي آءِ آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته اها پاڻ هڪ غيرسياسي پارٽي آهي ۽ ان جو پنهنجو وجود ڪجهه به ناهي، جيڪا ٻين سياسي اڳواڻن جي سهاري هلي رهي آهي. پر وري به سوال اهو آهي ته هاڻوڪي سياسي ڏڪيڙ جو حل ڪهڙو آهي. ان کي حل ڪرڻ لاءِ اسٽيبلشمينٽ وٽ ڪهڙو رستو آهي؟

بقايا 01

جسٽس عمر عطا بنديال چيو ته دهشتگردي جو مسئلو ته 90 جي ڏهاڪي کان هلي پيو، ڇا 90 جي ڏهاڪي ۾ چونڊون ملتوي ٿيون هيون؟ چيف جسٽس چيو ته ڪيترن ئي سياسي ليڊرز جانيون قربان ڪيون. پ پ جي سربراهه جي شهادت به وڏو سانحو هو. اهڙين حالتن ۾ به چونڊون ٿينديون رهيون. جسٽس منيب اختر چيو ته چونڊون ڪنهن به وقت ٿي سگهن ٿيون. اليڪشن ڪميشن کي تيار رهڻ گهرجي. حڪومت هلائڻ اليڪشن ڪميشن جو ڪم ناهي. چيف جسٽس چيو ته آدم شماري ڪاپيون تڪبندين ۾ 4 مهينا لڳندا آهن. جسٽس منيب اختر پڇيو ته ڇا آدمشماري دوران چونڊون نٿيون ٿي سگهن؟ اٽارني جنرل چيو ته آدم شماري جي نتيجن جي بنياد تي ئي چونڊون ٿينديون آهن. فوج جي سيڪيورٽي نه ڏيڻ واري ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي. آئين موجب فوج ذميوار آهي ته چونڊن دوران ڊيوٽي ڪري. چيف جسٽس چيو ته سادو سوال آهي اليڪشن ڪميشن چونڊن جي تاريخ اڳتي ڪري سگهي ٿي يا نه؟ اليڪشن ڪميشن وٽ اختيار آهي ڳالهه ختم ٿي ويندي. آئين جي ايمرجنسي پروويزن ۾ ذڪر آهي ته خراب ترين حالتن ۾ چونڊون ملتوي ٿي سگهن ٿيون. ڇا هينئر ايمرجنسي جي صورتحال آهي جو چونڊون نه ٿين. عدالت پي ٽي آءِ جي درخواست تي ٻڌڻي سياڻي تائين ملتوي ڪري ڇڏي

بقايا 02

پهرين کان به وڌيڪ خطرناڪ هوندي. اڳوڻي آمريڪي پرڏيهي وزير چيو ته ٻنهي ملڪن وٽ هڪ جهڙا معاشي وسيلا آهن جيڪي پهرين سرد جنگ دوران نه هئا. هن چيو ته ٻه وڏيون اقتصادي طاقتون هاڻي مخالفن ۾ تبديل ٿي چڪيون آهن.

بقايا 03

ڌر ۾ هئاسين. مختلف سوچ رکندڙ پارٽين فيصلو ڪيو ته اسان رياست کي بچايون. اتحادي جماعتن رياست کي بچائڻ لاءِ سياست کي داءَ تي لڳائي ڇڏيو. وزيراعظم شهبازشريف چيو ته آئين کي 50 سال گذري ويا، جنهن تي هو قوم کي واڌايون ڏي ٿو. آئين تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ سياسي اڳواڻن جون ڪوششون آهن. ذاتي پسند ۽ ناپسند هڪ پاسي رکي آئين ناهيون ويو. هن چيو ته هڪ لاڏلو جنگهه تي جنگهه رکي تڪبر سان ڳالهائي ٿو هن قانون توڙي آئين کي رديءَ جي ٽوڪريءَ ۾ وجهي ڇڏيو آهي. هي اهو ئي لاڏلو آهي. جنهن پارليامينٽ تي ڪاهه ڪئي. وزيراعظم چيو ته هڪ لاڏلو ڪنهن به عدالت ۾ پيش نه ٿو ٿئي، رات جي اونده ۾ مختلف عدالت مان ڪيس رليف ملي ٿو. هڪ عورت جج بابت هن ڇا چيو، پر ڪنهن به نوٽيس نه ورتو. شهبازشريف چيو ته گهڻو ٿيو. لاڏلي کي پاڪستان سان کيڏڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. آئين ادارن ۾ طاقت جي ورڇ جي ريڊ لائن لڳائي پر اڄ آئين جو مذاق اڏائي عدليا جي اختيارن جا بخيا اُڌيڙيا پيا وڃن. وزيراعظم چيو ته لاڏلي جي حڪومت آءِ ايم ايف سان معاهدو ڪري ٽوڙيو، جنهن ڪري پاڪستان ڊفالٽ ٿيڻ جي ويجهو پهچي ويو. آءِ ايم ايف وک وک تي گارنٽي گهري رهي آهي. اتحادي حڪومت ملڪ کي ڊيوالو ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ پنهنجي سياست قربان ڪئي. هن چيو ته هڪ سٽنگ عورت جج بابت هن ڇا چيو، اهڙا لفظ زبان تي نٿا اچي سگهن. ڪنهن ان جو نوٽيس نه ورتو. حقيقتن تي ٻڌل ڪيس لٿيا آهن. جڏهن سان مخالف ڌر ۾ هئاسين ته ڪهڙي طريقي تحت مخالف ڌر جي اڳواڻن ۽ سندن خاندان جي ماڻهن سان ورتاءُ ڪيو ويو. ڪهڙي بدنيتي تحت سندن خلاف ڪوڙا ڪيس ناهي ڪين جيل موڪليو ويو. ڪنهن به نوٽيس نه ورتو. قوم جي نياڻي کي پيءُ جي سامهون گرفتار ڪيو ويو ڪنهن نوٽيس نه ورتو. شهبازشريف چيو ته پي ٽي آءِ حڪومت جي چئن ورهين جي دور ۾ پاڪستاني قرض 70 سيڪڙو ڏي ويا. پر هڪ سر به نه لڳائي وئي. پر لاڏلي کان ڪو به پڇڻ وارو ناهي. لاڏلي کي پاڪستان سان کيڏڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. قانون پنهنجو رستو اختيار ڪندو. شهبازشريف چيو ته عمران نيازي دهشتگردن کي پنهنجي ڍال بڻائي رهيو آهي. هو اها ڳالهه هوا ۾ نه پيو ڪري، وڊيوز ۽ تصويرون ڏنيون آهن. دهشتگردن عمران جي گهر ۾ گهمي رهيا آهن پر ڪو به ڏسڻ وارو ناهي. ضمانتن مٿان ضمانتون ڏنيون پيون وڃن. اهڙو منظر ڪڏهن ناهي ڏٺو. ايوان کان گذارش آهي ته ان معاملن جو ترت نوٽيس وٺڻو پوندو. شهباز شريف چيو ته 29 هين نومبر تي پاڪستان جي نئين سپهه سالار جي چونڊ ٿي. ٻنا ڪنهن دٻ جي ان ڳالهه جي ترديد ڪرڻ چاهيان ٿو ته مون پنهنجن ساٿين سان پوري صلاح مشوري، ڪابينا ۽ ان کان هٽي ڪري مڪمل صلاح مشوري سان ميرٽ تي اهو فيصلو ڪيو. مون کي جيڪو فيصلو ڪرڻو هوندو آهي ته ڪابينا سان صلاح مشورو ڪندو آهيان. ٻين ادارن کي به ڪابينا ۾ وڃي فيصلا ڪرڻ گهرجن. اهو ڪم اسان ڪري رهيا آهيون ته پوءِ ٻيا ڇو نٿا ڪري سگهن. هن چيو ته اسان فيصلو ڪيو ته جنرل عاصم منير کي آرمي چيف ۽ جنرل ساحر کي چيئرمين جوائنٽ چيفس بڻايو وڃي. هي فيصلا سئو سيڪڙو ميرٽ تي ٿيا. سڀ کان سينيئر موسٽ عاصم منير ۽ پوءِ جنرل ساحر آهن. هو پروفيشنل آهن. وزيراعظم چيو ته فلحال هڪ آڊيو آهي جنهن ۾ سپريم ڪورٽ جي جج بابت شيون منظرعام تي آيون آهن. آڊيو جي فارنزڪ ڪرائي وڃي. سموري قوم کي خبر پوڻ گهرجي ته آڊيو ڪوڙي يا وري سچي آهي. جيڪڏهن ججن بابت آڊيو سچي آهي ته سچ سامهون اچڻ گهرجي. ان کان اڳ جو دير ٿي وڃي ايوان کي ان تي ٻختي حڪمت عملي ناهڻي پوندي. شهبازشريف چيو ته واٽس ايپ ذريعي ججن کي تبديل ڪيو ويندو آهي. ڄاڻڻ چاهيان ٿو ته اعليٰ عدالتن جي ڪيترن ججن کي ڪرپشن تي نيڪالي ڏني وئي. اسان جا هٿ ٻڌي عدالتن بيهاريو ويندو آهي. جيڪڏهن انصاف جو نظام اهڙو آهي ته پوءِ مُلڪ جو خدا ئي حافظ آهي سندس چوڻ هو ته ترازي هڪ پاسي جهڪي وئي آهي. رات ٻارنهين وڳي عدالتون کلنديون آهن ۽ ضمانتون ٿي وينديون آهن هن چيو ته اڄ ڀارت کان وڌيڪ خوش ڪير هوندو. اسان جي دشمنن کي ٻيو ڇا کپي. ڪهڙي نموني لسٻيلي جي شهيدن بابت ڪهاڻيون گهڙيون ويون. جنهن پاڪستان ناهيو اڄ دشمن کان وڌيڪ ان تي وار ڪيا پيو وڃي. اسان ان جي اجازت نٿا ڏئي سگهون.

بقايا 04

۽ سلامتي رکڻ لاءِ فل ڪورٽ بينچ بڻايو وڃي. اعظم نذير تارڙ چيو ته جسٽس مظاهر نقوي ۽ جسٽس اعجازالاحسن رضاڪارانه طور تي ڪيس کان ڌار ٿيا. ڪالهه جسٽس منصور ۽ جسٽس جمال مندوخيل جو فيصلو آيو. ٻه مختلف طبقا آهن جيڪي مختلف ڳالهيون ڪري رهيا آهن. ڪالهه ٻن ججز جي اختلافي نوٽ کان پوءِ اها ڳالهه ثابت ٿي وئي آهي. قانون واري وفاقي وزير چيو ته هن ڪيس تي 13 رڪني بينچ بڻجڻ گهرجي. ڪالهه جيڪي 2 ججز فيصلو ڏنو هو انهن به ساڳئي طرف اشارو ڏنو. وزيراعظم هڪڙي ماڻهو جي طور تي فيصلا ناهي ڪندو ان ۾ ڪابينه جي مشاورت شامل هوندي آهي. ادارن اندر ورهاست ۽ وسوسا ختم ڪرڻ لاءِ 13 رڪني بينچ هجڻ گهرجي. س

بقايا 05

چيف جسٽس آف پاڪستان پاڻمرادي نوٽيس جو استعمال اڪيلي سر استعمال نٿو ڪري سگهي. پاڻمرادو نوٽيس وٺڻ جو اختيار فل ڪورٽ کي ڏيڻ جي تجويز تي غور ڪيو پيو وڃي. ذريعن موجب سپريم ڪورٽ جي بئنچ جوڙڻ جي طريقي ڪار کي تبديل ڪرڻ تي به غور ڪيو پيو وڃي. قانون واري وزير جي سربراهي ۾ قانوني ماهرن تجويزن کي حتمي شڪل ڏئي ڇڏي آهي. تجويز ڪيل قانون ۾ چيو ويو آهي ته چيف جسٽس جو پاڻمرادو نوٽيس وٺڻ جو اختيار اڪيلي فرد جو ناهي. ان حوالي سان وفاقي ڪابينا جو اجلاس فوري طور سڏايو پيو وڃي. جنهن ۾ انهن تجويز ڪيل قانون جي منظوري ورتي ويندي ۽ پوءِ انهن کي قومي اسيمبلي ۾ پيش ڪرڻ جو امڪان آهي.

بقايا 06

جنهن تي اٽارني جنرل جواب ڏنو ته ها عدالت ۾ ضرور پيش ٿيندس. بينچ تي اعتراض اٿارڻ جي سوال تي هن چيو ته ڪيس شروع ٿئي پوءِ ڏسنداسين ته ڇا ڪرڻو آهي. واضح رهي ته گذريل ڏينهن سپريم ڪورٽ جي ايڊووڪيٽ جنرل منصور عثمان اعوان کي اٽارني جنرل پاڪستان مقرر ڪيو ويو هو. صدر عارف علوي شهزاد عطا الاهي پاران اٽارني جنرل جي عهدي تان استعيفيٰ منظور ڪرڻ کان پوءِ منصور عثمان اعوان کي بطور اٽارني جنرل آف پاڪستان مقرر ڪرڻ جي منظوري ڏني. صدر عارف علوي نئين اٽارني جنرل جي مقرري جي منظوري آئين جي آرٽيڪل 100 جي تحت وزيراعظم جي ايڊوائس تي ڏني. ياد رهي ته 24 مارچ تي شهزاد عطا الاهي ذاتي سببن جي آڌار تي اٽارني جنرل جي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي هئي وفاقي حڪومت بيرسٽر شهزاد الاهي کي گذريل مهيني 2 فيبروري تي اٽارني جنرل پاڪستان مقرر ڪيو هو.

بقايا 07

هڪ ٻئي پٺيان بيانن ۾ عمران خان جي موقف جي حمايت ڪئي هئي ۽ چيو هو ته پاڪستان ۾ چونڊون ٽڪرين ڪرايون وڃن. ان تي پاڪستاني پرڏيهي وزارت به احتجاج ڪيو هو. زلمي خليل زاد پاڪستاني سياسي صورتحال ۾ بيان جاري ڪندي چيو هو ته پاڪستان کي 3 بحرانن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي اهي بحران سياسي، اقتصادي ۽ سيڪيورٽي جا آهن. اڳوڻي آمريڪي سفارتڪار چيو ته اهي سنجيده، جرئتمندانا سوچ ۽ حڪمت عملي جو وقت آهي. سياستدانن کي جيلن ۾ وجهڻ، ڦاهي ڏيڻ، قتل ڪرڻ غلط رستو آهي. زلمي خليل زاد چيو ته عمران خان جي گرفتاري پاڪستان جو سياسي بحران وڌيڪ گهرو ٿيندو خرابي کي روڪڻ جي لاءِ جون جي آخر ۾ قومي چونڊن لاءِ هڪ تاريخ مقرر ڪريو جيڪا پارٽي چونڊون کٽندي جي ان کي عوام جو مينڊيٽ حاصل هوندو ته ڇا ڪرڻ گهرجي. ان حوالي سان آمريڪي پرڏيهي وزارت جي ترجمان ونڊنٽ پٽيل پريس بريفنگ ۾ وضاحت ڪندي چيو آهي ته زلمي خليل زاد عام شهري آهي ان جا بيان ذاتي حيثيت ۾ آهن. هن چيو ته زلمي خليل زاد جو بيان بائيڊن انتظاميه جي نمائندگي نٿو ڪري. بيان جو آمريڪي پرڏيهي پاليسي سان ڪو به تعلق نه آهي. ترجمان وڌيڪ چيو ته تشدد، حراسمينٽ يا ڌمڪي جو سياست ۾ عمل دخل ناهي. اسان سياسي ڌرين کي قانون جي عزت ڪرڻ لاءِ حوصلا افزائي ڪندا آهيون. عوام کي جمهوري ۽ آئيني طريقي سان پنهنجي ملڪ جي اڳواڻن جي چونڊ ڪرڻ ڏنو وڃي.

بقايا 08

ڏئي ڇڏي آهي. سنڌ جي گورنر وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کي خط لکيو آهي جنهن ۾ چيو ويو آهي ته رڪارڊ مهانگائيءَ مان عام ماڻهو سخت متاثر ٿي رهيو آهي ان ڪري ٻورهيتن جي گهٽ ۾ گهٽ ماهوار پگهار 50 هزار رپيه مقرر ڪئي وڃي. سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه کي لکيل خط ۾ سنڌ جي گورنر سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ 40 سيڪڙو واڌ جي به تجويز ڏني آهي. سنڌ جي گورنر خط ۾ چيو آهي ته تازي ٻوڏ سبب فصل متاثر ٿيا آهن. جنهن سبب مهانگائي ۾ رڪارڊ واڌ ٿي آهي. ذخيره اندوزي ۽ مهانگائي سبب حالتون وڌيڪ خراب ٿي رهيون آهن.

بقايا 09

ثناالله چيو ته مان عمران خان جي سياسي وجود جي ڳالهه ڪئي هئي. سياستدان سياسي ڳالهيون ٿي ڪندا آهن وفاقي گهرو وزير چيو ته چئني صوبائي اسيمبلين ۽ قومي اسيمبلي جون چونڊون گڏ ٿينديون. صوبن ۾ نگران سيٽ اپ کان سواءِ ٿيندڙ چونڊن جي نتيجن کي ڪير به نه مڃيندو اهڙيون چونڊون ملڪ ۾ افراتفري جو سبب بڻجنديون. راڻا ثناالله چيو ته عمران نيازي جي خلاف اڃان تائين قانون حرڪت ۾ ناهي آيو. عمران نيازي جو احتساب ٿيندو هاڻ پي ٽي آءِ مان گهڻو ڪجهه نڪرندو. ياد رهي ته گذريل ڏينهن وفاقي گهرو وزير راڻا ثناالله چيو هو ته عمران خان سان معاملا پوائنٽ آف نو ريٽرن کان گهڻا اڳيان نڪري چڪا آهن. عمران خان ملڪ جي سياست اتي پهچائي ڇڏي آهي جو هاڻ عمران خان ۽ اسان مان ڪنهن هڪ جو ئي وجود باقي رهي ٿو. جڏهن اسان جي وجود کان انڪار ٿيندو ته اسان هر حد تائين وينداسين. پوءِ اهو نه سوچينداسين ته ڇا جمهوري آهي ۽ ڇا نه. ٻئي طرف عمران خان پنهنجي خلاف وفاقي گهرو وزير جي بيان تي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 10

۽ 5 رڪني لارجر بينچ اڄ ٻيهر ٻڌڻي ڪندو. بينچ ۾ جسٽس اعجازالاحسن، جسٽس منيب اختر، جسٽس امين الدين ۽ جسٽس جمال خان مندوخيل شامل آهن. هوڏانهن قانون واري وزير اعظم نذير تارڙ چيو آهي ته اليڪشن ڪميشن ڪنهن فيصلي جو پابند ناهي هوندو. سپريم ڪورٽ پهچڻ تي ڳالهيون ڪندي هن چيو ته اسان ڏينهن چئي ڇڏيو هو ته فيصلو چار ٽي جو آهي. اليڪشن ڪميشن آرٽيڪل 218 جي تحت پنهنجي ڊيوٽي ڪري رهيو هو اليڪشن ڪميشن ڪنهن فيصلي جو پابند ناهي هوندو هن چيو ته اليڪشن ڪميشن کي قانوني مشورو ڏيڻ منهنجو ڪم ناهي. هوڏانهن نئين اٽارني جنرل منصور عثمان اعوان عهدي جو چارج سنڀالي ورتو آهي. جنهن کان پوءِ اهو به سپريم ڪورٽ پهچي ويو جتي هن هڪ سوال جو جواب ڏيندي ٻڌايو ته چونڊن بابت ڪيس ۾ عدالت ۾ پيش ٿيندس.

بقايا 11

ڇڏيو. عدالت پي ٽي آءِ اڳواڻ فرخ حبيب جي ضمانت پيروي نه ڪرڻ جي بنياد تي رد ڪئي. جاچ آفيسر موجب ڪيس جا جوابدار جاچ ۾ شامل ناهن ٿيا. حڪومت جي آءِ جي جوڙي ڇڏي آهي. دهشتگردي جي انت واري عدالت زبير خان نيازي، ڊاڪٽر ياسمين راشد سميت ٻين کي جاچ ۾ شامل ٿيڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو عدالت 3 شريڪ جوابدارن جي عبوري ضمانت ۾ 7 اپريل تائين واڌ ڪري ڇڏي. جڏهن ته پي ٽي آءِ جي جنرل سيڪريٽري اسد عمر جي حاضري کان معافي جي درخواست تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو

بقايا 12

پهچ ڏيڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ايم ڪيو ايم اڳواڻ فاروق ستار چيو ته گذريل ڏينهن شماريات کاتي جي سربراهه طرفان آدمشماري جا انگ اکر جاري ڪيا ويا، ڇاڪاڻ ته انگ اکرن ڳالهه ڏانهن اشارو آهن ته اسان جا خدشا درست هئا. فاروق ستار چوڻ هو ته ڪراچي جي 46 سيڪڙو آبادي کي ڳڻيو ويو آهي. شهر جي آبادي کي وڌيڪ کان وڌ ۾ ڪروڙ ڏيکارڻ جي رٿا نظر اچي رهي آهي هن چيو ته سنڌ جي شهرن جي آبادي گهٽ ۽ ٻهراڙي جي آبادي کي وڌائي پيش ڪيو پيو وڃي. شمارياتي ٽيم هڪ گهر وڃي ٿي، چار ڇڏي ڏئي ٿي. ٽيم ۾ ويٺا شامل ڪئي وڃي ٿي اها ئي ڳالهه ٿي نه آهي. اسان جي 66 سيڪڙو آبادي کي گم ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته سنڌ سرڪار کي اهو پڪ وڪڙي ويو آهي ته جيڪڏهن ڪراچي جي آبادي کي درست ڳڻيو ويو ته وڏو وزير ڪراچي مان ڪٿي ايندڙ پارٽين جو هوندو. هن وڌيڪ چيو ته پنهنجي شمارياتي ٽيم ذريعي آدمشماري ۾ ڏاڏلي ڪئي پئي وڃي. ايم ڪيو ايم پاڪستان هينئر تائين آيل نتيجن کي رد ڪري ٿي.

بقايا 13

اثاثن جا تفصيل پنهنجي نامزدگي ڪاغذن سان گڏ اليڪشن ڪميشن ۾ جمع ڪرائي ڇڏيا آهن. اليڪشن ڪميشن ۾ جمع ڪرايل دستاويزن موجب مريم نواز گڏيل طور تي 84 ڪروڙ 25 لک روپين کان وڌيڪ اثاثن جي مالڪياڻي آهي. جڏهن ته 2 ڪروڙ 89 لک روپين کان وڌيڪ جي قرضدار آهي. مريم نواز اهو قرض پنهنجي ڀاءُ حسن نواز کان ورتو آهي. سندس مڙس ڪيپٽن صفدر به دوستن کان 6 ڪروڙ روپين جو قرض ورتو آهي. دستاويزن موجب مريم نواز رائيونڊ جي علائقي ۾ 1 هزار 400 ڪنال کان وڌيڪ ايراضي جي مالڪياڻي آهي. سندس پرڏيهه ۾ ڪابه ملڪيت ناهي. مريم نواز 3 سالن ۾ 1 ڪروڙ 90 لک روپين کان وڌيڪ زرعي آمدني ظاهر ڪئي آهي. هن 3 سالن دوران زرعي ايراضي جي آمدني تي 12 لک روپين کان وڌيڪ ٽيڪس ادا ڪيس حديبيه پيپر ملز ۾ 54 لک 69 هزار رپين کان وڌيڪ جا شيئرز خريد ڪيا ويا آهن. دستاويزن ۾ وڌيڪ ٻڌايو ويو آهي ته مريم نواز محمد بخش ٽيڪسٽائل ملز ۾ 48 لک 21 هزار روپين جي شيئرز هولڊرز آهي. مريم نواز حمزه شبنگ ملز ۾ 16 لک، جنيد پولٽري فارمز ۾ 90 هزار روپين جي ماليت جي شيئرز جي مالڪياڻي آهي. دستاويزن موجب مريم نواز وٽ پنهنجي ذاتي گاڏي ناهي. مريم نواز جي بئنڪ اڪائونٽس ۾ 78 لک روپين کان وڌيڪ جي رقم موجود آهي. مريم نواز نامزدگي ڪاغذن ۾ تعليمي قابليت ايم اي انگلش لٽريچر ظاهر ڪئي آهي.

بقايا 14

ضلعي انتظاميا طرفان استادن جون ڊيوٽيون لڳايون ويون آهن جڏهن ته ٻارڙا اسڪول ۾ اچي راندين ڪيڏي واپس وڃڻ تي مجبور ٿي وڃن ٿا. شاگردن جو چوڻ آهي ته سندن تعليم متاثر ٿي رهي آهي جو ته استادن جي آدمشماري ڊيوٽي لڳائي وئي آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته وڏي انگ ۾ اسڪول بند ٿي رهيا آهن جڏهن ته تعليم کاتي جو چوڻ آهي ته جيئن ئي استاد آدمشماري ڊيوٽين تان واپس ايندا تڏهن اسڪولن ۾ ڊيوٽي ڏيندا.

بقايا 15

اسلام آباد جي حد تائين ڪيسن جا تفصيل عدالت ۾ جمع ڪرايا ويا آهن جيڪي آءِ جي اسلام آباد ۽ ايف آءِ اي طرفان جمع ڪرايا ويا. پوليس رپورٽ موجب اسلام آباد ۾ عمران خان خلاف 29 ڪيس داخل آهن پوليس جا 28 ۽ ايف آءِ اي رڪارڊ موجب عمران خان خلاف هڪ ڪيس داخل ڪيو ويو. پوليس جي ڪيسن مان هڪ ڪيس رد ٿي چڪو آهي. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته 7 ڪيس جاچ جي مرحلي ۾ آهن ۽ 20 ڪيس ٽرائيل ڪورٽ ۾ ٻڌڻي هيٺ آهن. ايف آءِ اي فارين ايڪسچينج ايڪٽ تحت ڪيس بئنڪنگ ڪورٽ ۾ ٻڌڻي هيٺ آهي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عامر فاروق ڪيس جا تفصيل پيش ٿيڻ تي درخواست نبيري ڇڏي. عدالت پوليس کي هدايت ڪئي ته ويهي سموري صورتحال کي ڏسو ۽ فيصل چوڌري سان رابطي ۾ رهو.

بقايا 16

چوڪي انچارج طاهر ڪوسو زخمي ٿي پيو زخمي چوڪي انچارج کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. ايس ايس پي دعويٰ ڪئي ته ڌاڙي جي ارادي سان ايندڙ ڌاڙيل ۽ گشت ڪندڙ پوليس وچ ۾ مقابلو ٿيو مقابلي ۾ 2 ڌاڙيل مارجي ويا آهن ۽ پوليس چوڪي انچارج طاهر ڪوسو زخمي ٿي پيو آهي. ايس ايس پي موجب مارجي ويل ڌاڙيلن جي سڃاڻپ ناهي ٿي سگهي.

بقايا 17

لاش ۽ زخمي معصوم نينگري کي سول اسپتال سکر منتقل ڪري ڇڏيو سکر بي سيڪشن ٿاڻي جي حد بندر روڊ واري علائقي ۾ اڻڄاتل هٿيارٻندن ڪار کي روڪي سڌي فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ ڪار سوار زال مڙس موقعي تي ئي قتل ٿي ويا جڏهن ته چئن ورهين جي معصوم نياڻي سخت زخمي ٿي پئي واقعي جو اطلاع ملندي پوليس جا ڪاهي پهتا پوليس ۽ ايڌي رضاڪار پهچي ويا جن قتل ٿي ويل ٻنهي ڄڻن جا لاش ۽ زخمي نينگري کي سول اسپتال سکر منتقل ڪري ڇڏيو پوليس مطابق قتل ٿي ويلن جي سڃاڻپ نوشهرو فيروز واسي علي اڪبر سولنگي ۽ مسمات زينت جي نالن سان ٿي آهي پوليس جو چوڻ آهي ته قتل ٿي ويل ٻئي زال مڙس پنهنجي وڪيل ايڊووڪيٽ فرزانه سان گڏ سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر ۾ ڪيس ۾ حاضري تان واپس وڃي رهيا هئا ته سانحو پيش آيو پوليس مطابق مقتول علي اڪبر سولنگي قانون لاڳو ڪندڙ اداري رينجرز جو اهلڪار ٻڌايو پيو وڃي واقعي جو اطلاع ملندي ئي رينجرز جا اهلڪار پڻ سول اسپتال پهچي ويا پوليس پاران واقعي جي هر رخ کان جاچ ڪري رهي آهي پوليس جو اهو به چوڻ آهي ته شروعاتي جاچ مطابق ٻن ڦورو موٽرسائيڪل تي ٻن هٿيارٻندن ڪار کي روڪي سڌي فائرنگ ڪئي جوابدار سکر جي نئين پنڊ ٿاڻي جا رهواسي ۽ سڃاتل آهن ڪين جلد گرفتار ڪيو ويندو.

بقايا 18

بدنظمي سبب 19 عورتون زخمي ٿي پيون جن کي فوري طور تي طبي امداد جي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو ريسڪيو ذريعن موجب بدنظمي جي نتيجي ۾ هڪ عورت فوت به ٿي وئي. ريسڪيو ذريعن موجب ريسڪيو جي 5 کان وڌيڪ ٽيمن آپريشن ۾ حصو ورتو ياد رهي ته هينئر تائين مفت اٽي جي ورهاست دوران ڪيترائي ماڻهو فوت ٿي چڪا آهن جڏهن ته ڪجهه ڏينهن اڳ ٻکر ۾ هڪ شهري اٽو وٺڻ جي لاءِ قطار ۾ بيهڻ دوران بدنظمي سبب فوت ٿي ويو هو

بقايا 19

کي ٻاهر ڪيو ويو. جڏهن ته اجلاس کان اڳ وفاقي ڪابينا ميمبرن جون موبائل فونز به ٻاهر رکرايون ويون. وفاقي ڪابينا جو اجلاس شروع ٿيڻ کان اڳ وفاقي وزير شازيه مري کي سيڪيورٽي اهلڪارن طرفان روڪي هينڊ بيگ ۽ ٻيو سامان جمع ڪرائڻ جو چيو ويو. جنهن تي هوءَ واپس هلي وئي ۽ ويندي ويندي چيائين ته منهنجي حاضري نه لڳائي وڃي.

بقايا 20

لاهور ۾ داخل ٿي چڪو آهي. ايڊيشنل ڊائريڪٽر سائبر ڪرائيم عدالت ۾ پيش ٿيو ۽ چيو ته اسان کي جواب جمع ڪرائڻ جو ڪو نوٽيس ئي ناهي مليو عدالت ڊائريڪٽر سائبر ڪرائيم ونگ کي جواب سميت 31 هين مارچ تي پيش ٿيڻ جو حڪم ڏيندي ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 21

اچي سگهي ٿي موسميات کاتي گلگت بلتستان، ڪشمير، مري ۽ گليات ۾ به لينڊ سلائيڊنگ جو امڪان ظاهر ڪيو آهي. موسميات کاتي سنڌ ۽ پنجاب جي مختلف شهرن ۾ برسات جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي آهي. خيبرپختونخواهه ۾ دير، سوات، ڪوهستان، نوشهره، مردان، وزيرستان ۽ باجوڙ ندي نالن ۾ به چاڙهه جي اڳڪٿي ڪري وئي آهي. موسميات کاتي امڪان ظاهر ڪيو آهي ته گلگت بلتستان، ڪشمير، مري ۽ گليات ۾ لينڊ سلائيڊنگ به ٿي سگهي ٿي.

بقايا 22

شناختي ڪارڊ حاصل ڪرڻ ۾ ڪافي مشڪلات درپيش هيون. جنهن تي صوبائي وزير سيده شهلارضا مقامي رهواسين جي سهولت لاءِ نادرا جي سهولت وين جو بندوبست ڪيو سيده شهلا رضا علائقي جو معائنو ڪيو ۽ نادرا سهولت وين پاران فراهم ڪيل سهولتن جو پڻ جائزو ورتو ان موقعي تي علائقي واسين صوبائي وزير سيده شهلارضا جي واکاڻ ڪندي سندس شڪريي جو اظهار ڪيو.

بقايا 23

نتيجا قبول نه ڪندي. اهڙن خيالن جو اظهار سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي ڊجيٽل آدمشماري خلاف هلندڙ احتجاجي تحريڪ جو جائزو وٺڻ لاءِ پارٽي جي سينئر اڳواڻن جي اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو اجلاس ۾ هلندڙ ڊجيٽل آدمشماري خلاف احتجاجي تحريڪ کي وڌيڪ طاقتور بڻائڻ جي لاءِ مختلف فيصلا ڪيا ويا. اجلاس کي خطاب دوران ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته سنڌ جي وحدت ۽ سنڌي قوم جي حق حاڪميت جي خلاف هميشه سازشون ٿينديون رهيون آهن پر سنڌ جا ماڻهن انهن کي سدائين ناڪام بڻايو آهي. جيڪڏهن پ پ حڪومت چاهي ته فوري طور آدمشماري واري عمل کي روڪرائي سگهي ٿي پر پ پ سرڪار ان تي سنجيده ناهي اها بس چاهي ٿي ته کيس اين ايف سي وڌيڪ ملي. اجلاس ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي جي اڳواڻن گلزار سومرو، حيدر شاهاڻي، حيدر ملاح، ڊاڪٽر سومار مگريو، قادر چنا، امتياز سمون ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا 24

پوليس لاش خان پور اسپتال منتقل ڪيا. جتي عورت مهر بيبي جي چوڻ هو ته عطاءالله منهنجو پٽ ۽ سنيا منهنجي ڏيراڻي شر جي گهر واري آهي ٻئي ڄڻا پنو عاقل مان دوا وٺي گهر ڪي پيڙي تي واپس گهر اچي رهيا هئا ته رستي ۾ هٿيارٻندن گوليون هڻي ڪين قتل ڪيو هن وڌيڪ چيو ته اسان جو ٻروهي برادري سان پراڻو تڪرار هلندڙ آهي ۽ انهن هي قتل ڪيا آهن.

بقايا 25

ڊپٽي ڪمشنر ڪئپٽن (ر) سعيد لغاري، اسسٽنٽ ڪمشنر سول لائن حنان پتر ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. صوبائي وزير بچت بازار جي اسٽالن جو دورو ڪيو. پرائس لسٽ ۽ شين جي معيار جو جائزو ورتو صوبائي وزير هدايت ڪئي ته اسٽالن تي پرائس لسٽ نمايان جاءِ تي لڳائي رکي. هن چيو ته سنڌ حڪومت رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ سڄي صوبي ۾ بچت بازار قائم ڪري ڇڏيا آهن. ڪراچي شهر ۾ 26 هنڌن تي بچت بازار قائم ڪيا ويا آهن. صوبائي وزير چيو ته سنڌ ڪابينا جي ميمبرن، خاص مددگارن، ايم پي ايز ۽ ايم اين ايز کي انهن بچت بازارن جي نگراني جو ٽاسڪ ڏنو ويو آهي. سنڌ حڪومت جي ترجيح آهي ته مهانگائي جي طوفان ۾ عوام کي وڌ کان وڌ رليف فراهم ڪيو وڃي. هن چيو ته سڄي سنڌ ۾ منافع خورن ۽ ذخيره اندوزن خلاف ڪارروائيون تيز ڪيون ويون آهن. بچت بازار کان علاوه 78 لک کان خاندانن کي سستو اٽو خريد ڪرڻ تي سبسڊي ڏني پئي وڃي. سنڌ حڪومت ان تي 15.6 ارب رپيا خرچ ڪري رهي آهي. هن چيو ته اٽي جي خريداري لاءِ ني خاندان 2 هزار رپيا سياڻي اربع کان مستحق خاندانن کي منتقل ٿيڻ شروع ٿي ويندا.

بقايا 26

صوبي کي حاصل ڪيل اختيارات، جنهن تحت حيسڪو ۽ سيپڪو جا کاتا صوبي سنڌ کي منتقل ڪرڻ جي بعد ان کي پراونشلائيزيشن جي حوالي سان مڪمل غور ويچار ڪيو ويو. اجلاس ۾ لاڳاپيل ادارن کي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت هلائڻ بابت به غور ويچار ڪيو ويو. صوبائي وزير امتياز احمد شيخ چيو ته حيسڪو ۽ سيپڪو جي صوبائي خودمختياري کان هڪ ڪميٽي جوڙي رهي جيڪي انهن ٻنهي ادارن جي حوالي سان هڪ تفصيلي رپورٽ پيش ڪري، جنهن سان انهن ادارن جي مڪمل اثاثن، نفعي ۽ نقصان ۽ ذميوارين جو مڪمل جائزو وٺي سگهجي ٿو. هن چيو ته سنڌ حڪومت ان شعبي جي بهتري لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪري رهي آهي. هن وڌيڪ چيو ته حيسڪو ۽ سيپڪو 18 هين ترميم جي بعد سنڌ صوبي جي انتظام هيٺ آهن ۽ عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ سنڌ حڪومت جيڪي به فيصلا ڪندي، اهي عوام جي مفاد ۾ هوندا. اجلاس ۾ سيڪريٽري توانائي، حيسڪو ۽ سيپڪو جي چيئرمين ۽ چيف ايگزيڪيوٽو آفيسرن، ميمبر نيپرا سنڌ شرڪت ڪئي.

بقايا 27

ڊرون ۽ بيلسٽڪ ميزائل ناهڻ تي پابنديون لڳايون ڪينيڊين پرڏيهي وزارت موجب پابنديون ايران ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙين تي لڳايون ويون آهن. پابنديون ۾ ايراني پاسداران انقلاب، قانون لاڳو ڪندڙ فورس جا اهلڪار، ڊرون ۽ بيلسٽڪ ميزائل ناهڻ ۽ ملوث ايراني اختياريون به شامل آهن پرڏيهي وزارت جو چوڻ آهي ته ايران پنهنجي ماڻهن جي جائز مطالبن خلاف بدترين دٻاءُ جي پاليسي جاري رکي ڇڏي.

بقايا 28

ڏني پئي وڃي. شرجيل انعام ميمڻ پنهنجي ٽوئيٽ ۾ چيو ته سنڌ جا 78 لک خاندان هن اسڪيم مان فائدو حاصل ڪندا. ڪڏ (اگاري) منجهاند کان مستحق خاندانن کي ايس ايم ايس اچڻ شروع ٿي ويندا. هن چيو ته جيڪڏهن ڪنهن کي ميسيج نه ملي ته 8171 تي پنهنجو شناختي ڪارڊ نمبر اماڻي تصديق ڪري سگهي ٿو

بقايا 29

پهچندڙ شهريار امجد نالي مسافر کي شڪ جي بنياد تي گرين چينل تي روڪي سامان جي اسڪيننگ دوران موبائل فونن ۽ شراب هٿ ڪيو مسافر جي ٿيلهي مان 68 عدد قيمتي موبائل فونن، 8 شراب جون بوتلون ۽ 212 پيڪيٽ فوڊ سپليمينٽ ضبط ڪيا ويا. ڪسٽمز ترجمان موجب فوڊ سپليمينٽ تي 77 لک رپيا ڊيوٽي ٽيڪس ٺهي ٿو. مسافر خلاف ڪسٽمز ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري کيس باضابطا طور گرفتار ڪيو ويو آهي.

بقايا 30

ڪندڙ جوابدار جوابي ڪارروائي ۾ مارجي ويو فائرنگ جو واقعو صبح ساڍي 10 وڳي ٿيو پوليس کي فون ڪال ذريعي اطلاع مليو ته ڪوينٽ اسڪول ۾ هٿيارٻند فائرنگ ڪئي آهي. وينڊربلٽ يونيورسٽي ميڊيڪل سينٽر جي ترجمان موجب فائرنگ سان زخمي ٿيندڙ هڪ شخص علاج هيٺ آهي.

بقايا 31

ڌر ۾ هئاسين. مختلف سوچ رکندڙ پارٽين فيصلو ڪيو ته اسان رياست کي بچايون. اتحادي جماعتن رياست کي بچائڻ لاءِ سياست کي داءَ تي لڳائي ڇڏيو. وزيراعظم شهبازشريف چيو ته آئين کي 50 سال گذري ويا، جنهن تي هو قوم کي واڌايون ڏي ٿو. آئين تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ سياسي اڳواڻن جون ڪوششون آهن. ذاتي پسند ۽ ناپسند هڪ پاسي رکي آئين ناهيون ويو. هن چيو ته هڪ لاڏلو جنگهه تي جنگهه رکي تڪبر سان ڳالهائي ٿو هن قانون توڙي آئين کي رديءَ جي ٽوڪريءَ ۾ وجهي ڇڏيو آهي. هي اهو ئي لاڏلو آهي. جنهن پارليامينٽ تي ڪاهه ڪئي. وزيراعظم چيو ته هڪ لاڏلو ڪنهن به عدالت ۾ پيش نه ٿو ٿئي، رات جي اونده ۾ مختلف عدالت مان ڪيس رليف ملي ٿو. هڪ عورت جج بابت هن ڇا چيو، پر ڪنهن به نوٽيس نه ورتو. شهبازشريف چيو ته گهڻو ٿيو. لاڏلي کي پاڪستان سان کيڏڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. آئين ادارن ۾ طاقت جي ورڇ جي ريڊ لائن لڳائي پر اڄ آئين جو مذاق اڏائي عدليا جي اختيارن جا بخيا اُڌيڙيا پيا وڃن. وزيراعظم چيو ته لاڏلي جي حڪومت آءِ ايم ايف سان معاهدو ڪري ٽوڙيو، جنهن ڪري پاڪستان ڊفالٽ ٿيڻ جي ويجهو پهچي ويو. آءِ ايم ايف وک وک تي گارنٽي گهري رهي آهي. اتحادي حڪومت ملڪ کي ڊيوالو ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ پنهنجي سياست قربان ڪئي. هن چيو ته هڪ سٽنگ عورت جج بابت هن ڇا چيو، اهڙا لفظ زبان تي نٿا اچي سگهن. ڪنهن ان جو نوٽيس نه ورتو. حقيقتن تي ٻڌل ڪيس لٿيا آهن. جڏهن سان مخالف ڌر ۾ هئاسين ته ڪهڙي طريقي تحت مخالف ڌر جي اڳواڻن ۽ سندن خاندان جي ماڻهن سان ورتاءُ ڪيو ويو. ڪهڙي بدنيتي تحت سندن خلاف ڪوڙا ڪيس ناهي ڪين جيل موڪليو ويو. ڪنهن به نوٽيس نه ورتو. قوم جي نياڻي کي پيءُ جي سامهون گرفتار ڪيو ويو ڪنهن نوٽيس نه ورتو. شهبازشريف چيو ته پي ٽي آءِ حڪومت جي چئن ورهين جي دور ۾ پاڪستاني قرض 70 سيڪڙو ڏي ويا. پر هڪ سر به نه لڳائي وئي. پر لاڏلي کان ڪو به پڇڻ وارو ناهي. لاڏلي کي پاڪستان سان کيڏڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. قانون پنهنجو رستو اختيار ڪندو. شهبازشريف چيو ته عمران نيازي دهشتگردن کي پنهنجي ڍال بڻائي رهيو آهي. هو اها ڳالهه هوا ۾ نه پيو ڪري، وڊيوز ۽ تصويرون ڏنيون آهن. دهشتگردن عمران جي گهر ۾ گهمي رهيا آهن پر ڪو به ڏسڻ وارو ناهي. ضمانتن مٿان ضمانتون ڏنيون پيون وڃن. اهڙو منظر ڪڏهن ناهي ڏٺو. ايوان کان گذارش آهي ته ان معاملن جو ترت نوٽيس وٺڻو پوندو. شهباز شريف چيو ته 29 هين نومبر تي پاڪستان جي نئين سپهه سالار جي چونڊ ٿي. ٻنا ڪنهن دٻ جي ان ڳالهه جي ترديد ڪرڻ چاهيان ٿو ته مون پنهنجن ساٿين سان پوري صلاح مشوري، ڪابينا ۽ ان کان هٽي ڪري مڪمل صلاح مشوري سان ميرٽ تي اهو فيصلو ڪيو. مون کي جيڪو فيصلو ڪرڻو هوندو آهي ته ڪابينا سان صلاح مشورو ڪندو آهيان. ٻين ادارن کي به ڪابينا ۾ وڃي فيصلا ڪرڻ گهرجن. اهو ڪم اسان ڪري رهيا آهيون ته پوءِ ٻيا ڇو نٿا ڪري سگهن. هن چيو ته اسان فيصلو ڪيو ته جنرل عاصم منير کي آرمي چيف ۽ جنرل ساحر کي چيئرمين جوائنٽ چيفس بڻايو وڃي. هي فيصلا سئو سيڪڙو ميرٽ تي ٿيا. سڀ کان سينيئر موسٽ عاصم منير ۽ پوءِ جنرل ساحر آهن. هو پروفيشنل آهن. وزيراعظم چيو ته فلحال هڪ آڊيو آهي جنهن ۾ سپريم ڪورٽ جي جج بابت شيون منظرعام تي آيون آهن. آڊيو جي فارنزڪ ڪرائي وڃي. سموري قوم کي خبر پوڻ گهرجي ته آڊيو ڪوڙي يا وري سچي آهي. جيڪڏهن ججن بابت آڊيو سچي آهي ته سچ سامهون اچڻ گهرجي. ان کان اڳ جو دير ٿي وڃي ايوان کي ان تي ٻختي حڪمت عملي ناهڻي پوندي. شهبازشريف چيو ته واٽس ايپ ذريعي ججن کي تبديل ڪيو ويندو آهي. ڄاڻڻ چاهيان ٿو ته اعليٰ عدالتن جي ڪيترن ججن کي ڪرپشن تي نيڪالي ڏني وئي. اسان جا هٿ ٻڌي عدالتن بيهاريو ويندو آهي. جيڪڏهن انصاف جو نظام اهڙو آهي ته پوءِ مُلڪ جو خدا ئي حافظ آهي سندس چوڻ هو ته ترازي هڪ پاسي جهڪي وئي آهي. رات ٻارنهين وڳي عدالتون کلنديون آهن ۽ ضمانتون ٿي وينديون آهن هن چيو ته اڄ ڀارت کان وڌيڪ خوش ڪير هوندو. اسان جي دشمنن کي ٻيو ڇا کپي. ڪهڙي نموني لسٻيلي جي شهيدن بابت ڪهاڻيون گهڙيون ويون. جنهن پاڪستان ناهيو اڄ دشمن کان وڌيڪ ان تي وار ڪيا پيو وڃي. اسان ان جي اجازت نٿا ڏئي سگهون.

بقايا 32

اثاثن جا تفصيل پنهنجي نامزدگي ڪاغذن سان گڏ اليڪشن ڪميشن ۾ جمع ڪرائي ڇڏيا آهن. اليڪشن ڪميشن ۾ جمع ڪرايل دستاويزن موجب مريم نواز گڏيل طور تي 84 ڪروڙ 25 لک روپين کان وڌيڪ اثاثن جي مالڪياڻي آهي. جڏهن ته 2 ڪروڙ 89 لک روپين کان وڌيڪ جي قرضدار آهي. مريم نواز اهو قرض پنهنجي ڀاءُ حسن نواز کان ورتو آهي. سندس مڙس ڪيپٽن صفدر به دوستن کان 6 ڪروڙ روپين جو قرض ورتو آهي. دستاويزن موجب مريم نواز رائيونڊ جي علائقي ۾ 1 هزار 400 ڪنال کان وڌيڪ ايراضي جي مالڪياڻي آهي. سندس پرڏيهه ۾ ڪابه ملڪيت ناهي. مريم نواز 3 سالن ۾ 1 ڪروڙ 90 لک روپين کان وڌيڪ زرعي آمدني ظاهر ڪئي آهي. هن 3 سالن دوران زرعي ايراضي جي آمدني تي 12 لک روپين کان وڌيڪ ٽيڪس ادا ڪيس حديبيه پيپر ملز ۾ 54 لک 69 هزار رپين کان وڌيڪ جا شيئرز خريد ڪيا ويا آهن. دستاويزن ۾ وڌيڪ ٻڌايو ويو آهي ته مريم نواز محمد بخش ٽيڪسٽائل ملز ۾ 48 لک 21 هزار روپين جي شيئرز هولڊرز آهي. مريم نواز حمزه شبنگ ملز ۾ 16 لک، جنيد پولٽري فارمز ۾ 90 هزار روپين جي ماليت جي شيئرز جي مالڪياڻي آهي. دستاويزن موجب مريم نواز وٽ پنهنجي ذاتي گاڏي ناهي. مريم نواز جي بئنڪ اڪائونٽس ۾ 78 لک روپين کان وڌيڪ جي رقم موجود آهي. مريم نواز نامزدگي ڪاغذن ۾ تعليمي قابليت ايم اي انگلش لٽريچر ظاهر ڪئي آهي.

بقايا | سنڌيار | 01

استادن پاران ٽريزي عملي خلاف سخت احتجاج خبر موجب ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيس نوشهروفيروز جي عملي پاران سنڌ هائيڪورٽ ۽ سيڪريٽري تعليم جي حڪمن کي مجڻ کان صاف انڪار ڪندي ڪنڊيارو تعلقي جي پرائمري استادن جون 10 مهينن کان رهيل پگهارون مبينه في آءِ ڊي تي 8 کان 10 ڏهه هزار رشوت نه ڏيڻ تي استادن کي پگهارون جاري ڪرڻ کان انڪار ڇڏيو آهي، ٽريزي عملي جي اهڙي رويي خلاف ڪنڊيارو تعلقي جي پرائمري استادن پاران سخت احتجاج ڪيو ويو ان موقع تي اڳواڻن سڪندر علي ، سيد سرمد علي شاهه، نادر علي، بلاول سرڳاٽي ۽ ٻين چيو ته سنڌ هائيڪورٽ ۽ سيڪريٽري هيلٿ جي حڪمن جي باوجود ٽريزري آفيس نوشهروفيروز پاران ڪنڊيارو جي 265 پرائمري استادن جون آءِ ڊيون رشوت ڏين جي بغير ٺاهڻ کان انڪار ڇڏيو آهي جنهن سبب استاد سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن ڇاڪاڻ هن مهانگائي جو دور پگهارن جي بغير گهر هلائڻ تمام ڏکيو ٿي ويو آهي هنن چيو ته سنڌ هائيڪورٽ جو حڪم آهي ته فوري طور تي استادن کي پگهارون ڏنيون وڃن پر ان جي ابتڙ ٽريزري عملو اسان کان في آ ڊي تي 8 کان ڏهه هزار رشوت طلب ڪري رهيو آهي جڏهن ته ٽريزري عملي پاران مورو نوشهروفيروز، ڀريا ۽ محرابپور جي استادن جون آءِ ڊيون ٺاهي انهن کي پگهارون جاري ڪيو ويون آهن پر افسوس اسان ڪر10 مهينن کان پگهارن کان محروم رکيو ويو آهي هنن مطالبو ڪيو ته فوري طور استادن جو پگهارون جاري ڪري استادن جي بيچيني ختم ڪئي وڃي، ٻئي پاسي صحافين پاران رابطو ڪرڻ تي ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيسر امجد مغل ميڊيا کي موقف ڏيڻ معذرت ڪري ڇڏي آهي

بقايا | سنڌيار | 02

ممتاز عالم پاران سنڌو دريا ۾ ٻوڏ متاثر ڳوٺ الهڏنو خاصخيلي جي 105 خاندانن ۾ راشن ورهايو ويو انهي موقعي تي دعا فائونڊيشن جي چيئرمن ٻڌايو ته رمضان المبارڪ کان هڪ هفتو اڳ رمضان راشن پيڪيج جي ورهاست شروع ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ بلوچستان، خيبرپختونخواهه، پنجاب ۽ سنڌ جي ٻوڏ متاثرن ۾ ۽ راشن ورهايو پيو وڃي جڏهن ته اهو سلسلو روزاني جي بنياد تي جاري آهي.

بقايا | سنڌيار | 03

مٿن بس اڏي تي احتجاج ڪيو ويو مغوي منظور جي وارثن قائم دين منصور احمد مولوي اعجاز احمد عبدالرشيد سولنگي ۽ ٻين روزاني سنڌ يار آڏو ڏانهيندي چيو ته ڪرمپور پرسان مٿن انڊس هاءِ وي بلاڪ ڪرڻ لاءِ وڃي رهيا آهيون وارثن چيو ته ڪشمور ۽ شڪارپور ضلعو ڌوهارين حوالي ڪيو ويو آهي پوليس جي رٽ ڪٿي به نظر نٿي اچي نه گهرن ۾ محفوظ آهيون نه ئي رات جو سفر ڪري سگهون ٿا وجون ته ڪيڏانهن وڃون هنن چيو ته واردات مهل اسانجي نوجوان ذاڪر سومرو کي به ڌوهارين گوليون هڻي قتل ڪيو جنهن جا جوابدار به پوليس هن مهل تائين گرفتار نه ڪري سگهي آهي جنهن ڪري تنگ ٿي مغوي جي بازيابي ۽ واقعي ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڌرڻو هڻي ويهندا سين ۽ مغوي جي واپسي ٿيڻ تائين اسانجو احتجاج ۽ ڌرڻو جاري رهندو

بقايا | سنڌيار | 04

جي صدر پونداس ٽيڪياڻي مختيار لاشاري ۽ ايڊمسٽريٽر عبدالغفور هيجب. اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپور ساڪرو جي پي اي اسمائيل جتوئي جن ٻڌايو ته بجت بازار لڳائڻ جو مقصد غريب عوام کي رليف ڏيڻ آهي رمضان شريف ۾ هن بجت بازار لڳائڻ سان تمام گهڻو فائدو ٿيو آهي عام دڪانن تي جيڪو اٽمر ملي ٿو انجي نسبت هتي ريٽ ۾ 50 کان سئو رپيا فرق آهي. سبزي ۾ اڌ ريٽ جو فرق آهي. مرغي عام بازار ۾ 800 رپيا آهي پر بجت بازار ۾ 600 رپيا ملي رهي آهي. فروٽ ۾ اڌ فرق آهي بازار کان اڌ جي فرق سان سستو آهي. واپاري ايسوسيئيشن گهارو جي اڳواڻن ٻڌايو ته هي بجت بازار جمعي ۽ آچر تي ٻيهر لڳندي جنهن سان عوام کي وڏ کان وڏ فائدو ٿيندو.

بقايا | سنڌيار | 05

تي موجود ماڻهن نينگر کي پاڻي مان ڪڍي دڙو جي رورل هيلٿ سينٽر پهچايو، جتي موجود ڊاڪٽرن نينگر جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي. فوتي نينگر جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ٻئي طرف محمود واهه ۾ نينگر جي ٻڏي فوت ٿيڻ واري واقعي بعد علائقي ۾ سوڳ وارو ماحول ڇانئجي ويو.

بقايا | سنڌيار | 06

ٽڪ ٽوڪر آهي جنهن گذريل ڏينهن پنهنجي گهر ۾ محصوم ٻارڙي سامهون پنهنجي گهر واري سونيا مٿان شدد ڪري ويڊيو ٺاهيندو رهيو ويڊيو وائرل ٿيڻ تي سپر سائيٽ هائيوي ٿاڻي جي پوليس ٽڪ ٽوڪر کي ڳوليهي گرفتار ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيو جنهن بعد معاملي جي جاچ تي ٽڪ ٽوڪر گوپال جي گهرواري سونيا ٻڌايو ته مان پنهنجي موبائل فون تي ڳالهائي رهي هئيس شڪ تي منهنجي مڙس گوپال مون مٿان تشدد ڪيو گوپال شڪ جي بنياد تي مون سان اهڙو عمل ڪيو پر مون گوپال کي معاف ڪيو آهي سندس آئينده هو ٻهير اهڙي غلطي نه ڪندو جنهن تي پوليس گوپال ولد يوسف کي آزاد ڪري ڇڏيو

بقايا | سنڌيار | 07

پڙهڻ لڳا اسڪول جي هيڊ ماستر طرفان اسڪول ۾ گورنمينٽ طرفان چوڪيدار مقرر ڪري ڏيڻ جو مطالبو رپورٽ موجب ڳوٺ جان محمد وندير مان چور سولر پليٽ جورائي ويا شاگرد گرمي پڙهڻ لڳا ياد رهي ته قديمي وقت کان هلندڙ گورنمينٽ بوائز ايليمنٽري اسڪول جان محمد وندير جيڪو ڪلسٽر اسڪول جو درجو به رکي ٿو علائقي جا 20 اسڪول سندس سرڪل ۾ شامل ڪيا ويا آهن 30 استاد مقرر ٿيل آهن ۽ پنج سو کان وڌيڪ شاگرد زير تعليم آهن پر افسو س جو ايڏي وڏي تعداد شاگردن هوندي به ڪوئي پٽوالو يا چوڪيدار هن اسڪول ۾ مقرر ٿيل ناهي شاگرد ۽ استاد پنهنجي مدد پاڻ تحت گڏجي اسڪول جي صفائي سٿرائي ڪندا رهن اسڪول جي هيڊ ماستر ۽ استادن طرفان سيڪريٽري تعليم ،ڊي ٿي او ڪوئڊيجي ،ڊي ٿي او خير پور کان اسڪول ۾ چوڪيدار مقرر ڪري ڏيڻ جي گهر ڪئي جڏهن ته ايس ايچ ڪنب ۽ مومن مهر چوڪي انچارج کان اسڪول جي چوري ٿيل سولر پليٽ واپس ڪرائي ڏيڻ جي جو مطالبو ڪيو ويو

بقايا | سنڌيار | 08

اڳ اغوا ٿي ويا هئا ارشاد ورڻ ٽيڪسي ڊرائيور ٻڌايو پيو وڃي جنهن کي حضور بخش ٽيڪسي سميت وٺي ويو هو . اسان کي اغوا جو ٿي شڪ هوءِ اڄ سندن اغوا جي وڊيو سامهون اچڻ بعد سڀ ڪجھ واضح ٿي ويو آهي سندن وارثن اعلي اختياربن کان مدد ڪري اغا ٿيلن جي رهائي جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا | سنڌيار | 09

ڪنهن جي آفت جي اچڻ کان اڳ تيار رهڻ گهرجي ائين نه ٿئي ته آفت جي گذرڻ بعد اسان سوچون. هواج ڊپٽي ڪمشنر آفيس نوشهروفيروز جي ڪاميٽي روم ۾ ضلعي مان برساتي پاڻي جي نيڪاسي لاءِ جوڙيل ڪاميٽي جي پنجين اجلاس جي صدارت ڪري رهيو هو هن چيو ته اسان غير سرڪاري تنظيمن دعوت اسلامي، هيلپنگ هينڊس، يو اين آئي او ايم جا ٿورائتا آهيون جن ضلعي ۾ رهجي ويل برساتي پاڻي جي نيڪاسي لاءِ ڊيزل ۽ ڪرينن جي خريداري ۾ مدد فراهم ڪئي. ان ٻڌايو ته دعوت اسلامي جي تنظيم ايف جي آر ايف ڊيزل ۽ ٻين سهولتن جي مد ۾ 5ڪروڙ روپيا امداد ڏني. جڏهن ته هيلپنگ هينڊس پاران نور پور ۽ ٻين علائقن ۾ هلندڙ پمپنگ اسٽيشنن لاءِ 2ڪروڙ روپين کان وڌيڪ مدد فراهم ڪئي. جڏهن ته يو اين جي جي تنظيم آئي او ايم 10ڪرينون امداد طور فراهم ڪيون آهن. ان اسڪارپ کاتي جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو ايندڙ مون سون جي برساتن کان اڳ سڀني سيم نالن جي صفائي ڪرائي وڃي ۽ پاڻي جي نيڪاسي جي قدرتي وهڪرن کي قبضن کان خالي ڪرايو وڃي. اجلاس ۾ ڳالهائيندي ڊپٽي ڪمشنر شاهزيب شيخ چيو ته هائي ڪورٽ جي حڪم تي جيڪا ڪاميٽي جوڙي وئي هئي جيڪا ڪنهن حد تائين ڪامياب ٿي چڪي آهي. ان سڀني لاڳاپيل کاتن جي سربراهن کي چيو ته قدرتي آفتن سان منهن ڏيڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي ۽ سڀني کاتن جا آفيسر برساتن دوران منهن ڏيڻ لاءِ لائحه عمل ترتيب ڏين. اجلاس ۾ آبپاشي، اسڪارپ، پبلڪ هيلٿ جي آفيسرن کان سواءِ سڀني تعلقن جي اسسٽنٽ ڪمشنرن شرڪت ڪئي.

بقايا | سنڌيار | 10

ڪيو ان موقعي تي اسپيشل مئجسٽريٽ فار پرائز ڪنٽرول دادو ميڊيا کي ٻڌايو ته دڪانن تي ريٽ لسٽ موجب مقرر ڪيل اگهه جي لاءِ سمورن دڪاندارن کي اسپيشل مئجسٽريٽ جي حيثيت سان پابند ڪيو آهي ته دڪانن تي ريٽ لسٽ واضح لڳايو ۽ مارڪيٽ ڪاميٽي جي مقرر ڪيل اگهن موجب عام واهپي جون شيون فروخت ڪيون هن چيو ته ريٽ کان وڌيڪ وصول ڪندڙ مظهر علي عاشق ڪوريجو ساجن قمبراڻي بشارت چارڻ سميت 6 چٽڻن کي وارنگ ليٽر پڻ جاري ڪيا ويا آهن هن چيو ته رمضان شريف ۾ ڪنهن به دادو شهري کي عام واهپي جي شين جي ڪا به شڪايت هجي ته مختيارڪار دادو جي آفيس ۾ جمع ڪرائين ۽ منهنجا دروازا شهرين لاءِ هر وقت کليل آهن.

بقايا | سنڌيار | 11

وارين شين جا ريٽ معلوم ڪيا ۽ شين جي ڪوالٽي پڻ چيڪ ڪئي– ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته رمضان آرڊيننس تي هر صورت ۾ عملدرآمد ڪرائڻ کي يقيني بڻائي عوام کي رليف فراهم ڪيو پيو وڃي ۽ غريب عوام کي عام واهپي جون شيون رعايتي اگهن تي ڏيڻ، قيمتن تي ضابطو آڻڻ، سان گڏ ذخيرا اندوزي ۽ منافع خوري ۾ ملوث مافيا خلاف سخت ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي جنهن تي عملدرآمد ڪرائڻ لاءِ ضلعي انتظاميه کي ساڻ ڪري عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ اڄ هتي بلڙي شاهه ڪريم پهتا آهيون. هن وڌيڪ چيو ته سستي رمضان بجت بازارن ۾ قيمتن ۽ معيار کي نظر ۾ رکندي ضروري شيون فراهم ڪيون پيون وڃن ته جيئن غريب ۽ وچولي طبقي جا ماڻهو وڌ کان وڌ فائدو حاصل ڪري سگهن. هن وڌيڪ چيو ته بجت بازارن لڳائڻ جو مقصد ٿي اهيو آهي ته ٻاهران سامان خريد ڪرڻ بجاءِ هتان سامان خريد ڪري سگهجي . هن ضلعي انتظاميه کي هدايت ڪندي چيو ته بجت بازارن ۾ هڪ شڪايتي مرڪز جو ڪائونٽر پڻ لڳايو وڃي جتي ماڻهو پنهنجون شڪايتون درج ڪري سگهن. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان ياسر ڀٽي ، اسسٽنٽ ڪمشنر بلڙي شاهه ڪريم غلام سرور پنهيرو ۽ مختيار ڪار بلڙي شاهه ڪريم عبدالڪريم خاصخيلي پاران ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد کي بجت بازار اندر فلور ملز، واپارين، ڪريانا جي دڪاندارن، سبزي، مرغي فروشن پاران انتظاميا سان تعاون توڙي مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ بابت کنيل قدمن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني . بعد ۾ ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد بلڙي شاهه ڪريم جي مڪ بازار ۽ ٽنڊو محمد خان شهر جي چانڊني چوڪ ، سبزي منڊي ۽ اناج منڊي جو دورو ڪري مختلف دڪانن تي ريٽ معلوم ڪندي وڌيڪ اگهه وٺندڙ دڪاندارن تي جرمانا پڻ لڳايا .

بقايا | سنڌيار | 12

۾ راشن جا ٿيلها ورهائي رليف راشن مهم 2023 جو باقاعده آغاز ڪري ڇڏيو تفصيل جي مطابق ماهه رمضان المبارڪ جو بابرڪت ۽ مقدس مهينو شروع ٿيندي ئي سنڌ پليجا ڪائونسل پاران پنهنجي ماضي جي روايتن کي برقرار رکندي پاڪستان فلڊ هيلپ ڊاٽ ڪام جي تعاون سان رمضان رليف راشن تحت مختلف علائقن ۾ غريب ۽ مستحق خاندانن ۾ راشن جا ٿيلها ورهائڻ شروع ڪري ڇڏيا، ان سلسلي ۾ مرڪزي چيئرمين سنڌ پليجا ڪائونسل ڊاڪٽر مختيار پليجو، سرپرست اعليٰ ڪامريڊ خدا بخش، جنرل سيڪريٽري عبدالرحمان پليجو پروفيسر اعجاز اسد، عبداللطيف راڏائي سميت ٻين اڳواڻن ۽ انساني همدردي تحت ڪم ڪندڙ رضاڪارن پاران ڳوٺ مولوي محمد عارف يو سي پليجاڻي تعلقو ميرپور ساڪرو، ڳوٺ محمد حسن، ڳوٺ گلزار ۽ ڳوٺ منگر خان يو سي جنگشاهي تعلقو ٺٽو جي 350 غريب خاندانن ۾ راشن جا ٿيلها ورهائي رليف راشن مهم جو آغاز ڪري ڇڏيو. ان موقعي تي مختلف فڪر سان تعلق رکندڙ سياسي سماجي اڳواڻن سميت سول سوسائٽي ۽ شهرين پاران سنڌ پليجا ڪائونسل جي طرفان پاڪستان فلڊ هيلپ ڊاٽ ڪام جي تعاون سان رمضان رليف راشن تحت مهم جي سلي قدم کي ساراهيندي مرڪزي چيئرمين سنڌ پليجا ڪائونسل ڊاڪٽر مختيار پليجو کي خراج تحسين جڏهن ته پاڪستان فلڊ هيلپ ڊاٽ ڪام جو شڪريو ۽ سندن عمل جي ساراهه ڪندي چيو ته موجوده گنڀير صورتحال ۾ پاڪستان فلڊ هيلپ ڊاٽ ڪام جي تعاون سان سنڌ پليجا ڪائونسل پاران غريب ۽ مستحق خاندانن لاءِ جيڪو سنو عمل شروع ڪيو آهي انجي جيتري تعريف ڪجي اها گهٽ آهي، هنن چيو ته اسان کي اميد آهي ته سنڌ پليجا ڪائونسل پنهنجي پراڻي روايتن کي برقرار رکندي ٻين برادرين جي بهتري ۽ ترقي لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندي رهندي، ان موقعي تي مرڪزي چيئرمين سنڌ پليجا ڪائونسل جو چوڻ هو ته رمضان المبارڪ جي دوران پاڪستان فلڊ هيلپ ڊاٽ ڪام جي تعاون سان رمضان رليف راشن تحت ٻين مختلف علائقن ۽ برادرين ۾ راشن بيگز ورهائڻ لاءِ تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن انشاءَ الله انهن کي به جلد راشن جا ٿيلها ڏنا ويندا جڏهن ته سنڌ پليجا ڪائونسل پاران پنهنجي مدد پاڻ جي تحت گذريل سال برساتن کان پوءِ سوين ٻوڏ متاثر خاندانن ۾ راشن جا ٿيلها ورهايا ويا هئا هن

وڏيڪ چيو ته انشاءَ الله هميشه عوام سان گڏ رهندي عوامي خدمت جاري رکندا سين.

بقايا | سنڌيار | 13

ٻڌيل آهي ۽ رات جو ائين وڳي ڪانپوءِ انڊس هاءِ وي ٿاڻ پوليس غائب ۽ ڌاڙيل جا ٽولا گشت ڪرڻ لڳا ڪچي ۽ پڪي ۾ پوليس ٿاڻن جي گهڻائي با وجود پوليس ڌاڙيلن سان ٻٽ هڻڻ ڪري ڪنهن به قسم جي ڪاروائي ڪرڻ بجاءِ ڌوهارين کي پروٽوڪول ڏيڻ ۾ پيش پيش آهن جڏهن ته شهرن اندر روزيدارن کي سهري وقت خريداردي ڪرڻ لاءِ گهران نڪرڻ مشڪل ٻڌيل آهي جڏهن ڌاڙيلن هٿان به پوليس اهلڪار شهيد ۽ به زخمي ٿي پيا ڌاڙيل پاران گهرن جا دروازا ڪڙڪائي ماڻهن کي اغوا ڪرڻ جون ڪوششون معمول ٻڌيل هئڻ ڪري گذريل هڪ مهيني دوران هڪ عورت ٻن معصوم ٻارڙن سميت 18 ماڻهون اغوا ٿي چڪا آهن جنجي بازيابي لاءِ مختلف وقتن تي احتجاج ڪندي انڊس هائيوي بلاڪ ڪرڻ سان گڏ ايس ايس پي آفيس جي گيٽ سامهون ڌرڻا ڏنا ويا پر ايس ايس پي ڪشمور سميت چونڊيل نمائندا مڪمل خاموش تماشائي ٻڌيل آهن ۽ مغوين جي وارثن مٿان اجان مٿن ڪيس داخل ڪرڻ جون پڻ پوليس پاران ڌ مڪيون ڏنيون پيون وڃن جڏهن ته ڪجھ ڏينهن ٻهريان عورت نازيه بيگم جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪندڙ ن مٿان ايس ايس پي جي حڪم تي مغوين جي وارثن سميت مختلف سياسي ۽ سماجي اڳواڻن جي پاونجاهه ماڻهن مٿان اي.ٽي.سي جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.بي پاسي ڪشمور. ڪنڌ ڪوٽ ۽ تنگواڻي تعلقن مان محمد اقبال نائچ. محمد حسن دشتي . ارباب علي سولنگي . عبدالغفور ٻرڙو. منصور علي ٻرڙو . لال محمد ٻرڙو . سردار خان نندواڻي . عبدالرشيد اوڳاهي . پيربخش شيخ . نازيه بيگم ڪوسو. معصوم ڪگهر بيبي ڪوسو . عبدالرئوف نوناري . حسيب الرحمن نوناري مانور علي. خدابخش مهمداڻي. امير بخش مهمداڻي ۽ شهد حسين گولو جيڪي اغوا ٿي چڪا آهن ۽ مغوين جي گهرن ۾ قيامت صغرا برپا ٿيل آهي ۾ ايس ايس پي ڪشمور عرفان سمون پاران ڪابه ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. ٻئي پاسي پوري ضلع اندر بد امني جي باهه ٻري وئي ۽ چونڊيل نمائندن جي مڪمل خاموشي تي عوام ۾ ڪاوڙ جي لهر ڇانئيل آهي ۽ عوام پاران آئي جي سنڌ کان مطالبو ڪيو ويو ته ايس ايس پي ڪشمور عرفان سمون کي فوري طور هٽائي ڪين عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت واري عمل کي يقيني بڻائڻ لاءِ ايس ايس پي امجد شيخ. بشيراحمد بروهي يا ڪو بهادر ايس ايس پي مقرر ڪيو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 14

دڪان ٻاهران پيل هئا ته ٻن موٽرسائيڪلن تي سوار چور وچ وٺي ڪٽڪ جا پورٽا ڪٽي روانا ٿيا ته ڪين پاڙيسري دڪاندارن ڏسي ورتو جنهن بعد پيڇو ڪرڻ تي پاڳين هڪ چور کي پڪڙي ورتو جنهن پنهنجو نالو غلام علي مگنهار ٻڌايو جڏهن ته موٽرسائيڪل سوار پڻ فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا جوڻاس چوڪي پوليس انچارج ميڊيا کي موقف ڏيندي ٻڌايو ته پڪڙيل چور کان سندس فرار ٿيل ساٿين بابت جاچ ڪئي جيڪي جلد گرفتار ڪيا ويندا ٻئي پاسي علائقي ۾ چئو ٻول آهن ته ڪجھ ڏينهن کان اهي چور سرگرم آهن ٿي ڏينهن اڳ چيچڙو اسٽاپ تان به ساڳي انداز ۾ ڪٽڪ چوري ڪري چڪا آهن .

بقايا | سنڌيار | 15

کان فوري طور نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو . ٽنڊو محمد خان ۾ گورنمينٽ هائير سيڪنڊري گرلس ڪئمپ اسڪول کي ڪلسٽر جي اسڪول ۾ مرد هيڊماستر جي مقرري تي مسلم ليگ ن جي صوبائي اڳواڻ پير اسدالله جان سرهندي چيو آهي ته تعليم کاتي جي طرفان ٽنڊو محمد خان ۾ گرلس هائير سيڪنڊري ڪلسٽر اسڪول ۾ مرد هيڊماسٽر جي مقرري جو فوري طور عدالتي نوٽيس ورتو وڃي ، مقرر ڪيل مرد هيڊماسٽر جي مقرري رد ڪئي وڃي ، گرلس اسڪول ۾ مرد هيڊماسٽر مقرر ڪرڻ شاگردياڻين جي تعليم کي متاثر ڪرڻ جو سبب پيدا ڪيو ويو آهي ، سنڌ ۾ حڪومت نياڻين جي تعليم لاءِ تمام گهٽيون دعوائون ڪري تعليم کي پاڻ تباهه ڪري رهي آهي ، ٽنڊو محمد خان جي گرلس اسڪول ۾ مرد هيڊماستر کي هٽائي نياڻين جي تعليم کي وڌيڪ تباهي کان بچايو وڃي ٻي صورت ۾ عدالت سان رجوع ڪيو ويندو ۽ احتجاج جو حق محفوظ رکڻ بجاءِ آواز اٿاريو ويندو.

بقايا | سنڌيار | 16

چيو ته سنڌس محبوب شاهه محله ۾ رهائشي جڳهه ۽ پلاٽ آهي جنهن پلاٽ تي بااثر موسن شاهه هٿيارن جي زور تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو هن چيو ته هو بلاجواز گهرن مٿان شراب جي نشو ڪري فائرنگ ڪري ٿو ۽ موتمار ڌمڪيون به ڏئي ٿو هن چيو ته اسان جا ٻار به خوف مان اسڪول نٿا وڃي سگهن ڪين خدشو آهي هو قتل ڪري ڇڏيندو هنن جو وڌيڪ چوڻ هو ته اسان جي پلاٽ ۽ رهائشي جڳهه جو گهوٽڪي جي عدالت ۾ ڪيس به هلندڙ هو جيڪو اسان جي حق ۾ عدالت سڳوري فيصلو ٻڌايو آهي جنهن جا ڪاغذ به موجود آهن مظاهرين جو چوڻ هو ته گهوٽڪي اي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس به بااثر سان ٻٽ ٻڌيل آهي جيڪا ڪيس موسن شاهه جي ونگارو ٻڌيل آهي اسان ڪيترا ڀيرا پوليس ڏي وڃي ٽڪجي پيا آهيون پر گهوٽڪي اي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس ڪابه مدد نٿي ڪري هنن وڌيڪ چيو ته با اثر اسان مٿان ٻين ضلعن ۾ ڪوڙيون ايف آءِ آر داخل ڪرائي هيسائڻ چاهي ٿو اسين مسڪين آهيون سندس ڪير به مدد ڪرڻ لاءِ تيار ناهي هنن چيو ته سندس موسن شاهه مان اسان جي حياتي کي خطرو آهي هنن ايس ايس پي گهوٽڪي ڊي آءِ جي سکر آءِ جي سنڌ چيف جسٽس آف پاڪستان ۽ وس وارن کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي بااثر موسنشاهه مان جان ڇڏائي انڪوائري ڪري انصاف ڪيو وڃي

بقايا | سنڌيار | 17

ڳوٺ ميڻان جي ڳوناڻن پوڙهو درس، نور محمد ابڙو، عارب مينگهواڙ، عثمان درس، وڪيو ماڇي، ارباب ڪوس گلزار ڪوسو شير محمد دلواڻي ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو آهي ته اسان جي ڳوٺ ۾ قائم گورنمينٽ ڊسپينسري جيڪا پي پي ايڇ آءِ جي ڪنٽرول هيٺ هلي ٿي جنهن جي انتظاميا کي ۽ ڊي ايڇ او صاحب کي باربار شڪايتون ڪيون آهن ۽ احتجاج ڪيا آهن پر ڪير به اسان جي شڪايتن جو نوٽيس نٿو وٺي ۽ نه وري ڪو ڊاڪٽر ۽ دوا ڏني وڃي ٿي هنن صحت واري وزير ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس کي اپيل ڪئي آهي ته هنن جي احتجاج جو نوٽيس وٺي دوائن ۽ ڊاڪٽرن جي کوٽ ختم ڪري علائقي جي غريبن کي صحت جون سهولتون ڏنيون وڃن

بقايا | سنڌيار | 18

محمد ياسين قمبراڻي سندس ڀٽ اشفاق، وحاد،جميل گهر خالي ڪرڻ لاءِ ڌمڪائي مارڪت ڪري رهيا آهن اسان ڪين ڪلام پاڪ کڻي وڏو ته هنن ڪلام پاڪ کي شهيد ڪري ڳوٺ مان نڪري وڃڻ جو چيو اسان غريب ڪيڏانهن وڃون هنن اعلي

اختيارين کان مطالبو ڪيو ته پوليس اهلڪار ۽ سنڌس پٽن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري تحفظ ڏنو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 19

ڪاليج جي منظوري ڏني وئي آهي، جڏهن ته سنڌ حڪومت پاران ڊگري ڪاليج جي منظوري ملڻ بعد ٻ پ ايم اين اي سردار محمد بخش خان مهر 15 ايڪڙ زمين ڏئي ڇڏي آهي، جيڪا غلام محمد مهر اسپورٽس ڪامپليڪس سامهون ڪاليج جي بلڊنگ لاءِ زمين مختص ڪئي وئي آهي، هوڏانهن روينيو کاتي جي عملدارن، مهر سردارن جي ٽيم ۽ هائير اسڪول جي پرنسپال عبدالحنان ڪلوڙ ۽ ٻين ڪاليج جي زمين ماپ پڻ ڪئي وئي آهي، هوڏانهن ڊگري ڪاليج جي منظوري بعد خانپور مهر واسين ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي وئي آهي...

بقايا | سنڌيار | 20

عدالت ڪيس مان دهشتگردي واري ڪلم ختم ڪري ڇڏيا . ڪيس ٽنڊو محمد خان سيشن ڪورٽ منتقل ، اڄ ڪيس جي ٻڌڻي ٿيندي . خبر موجب ٽنڊو محمد خان جي گرلس ڪلسٽر هاءِ اسڪول جي هيڊمسٽريس گل افشان پٽي جي پاران سٽي ٿاڻي تي 4 ڏينهن اڳ ٽنڊو محمد خان جي 3 قومپرست اڳواڻن زاهد جسڪاڻي ، جاويد هاليپوٽو ، دودو هاليپوٽو خلاف ڪائنس پٽو گهرڻ جو ڪيس داخل ڪيو ويو هو . جنهن ۾ دهشتگردي جا ڪلم پڻ شامل ڪيا ويا هئا . جوابدار ڌر جي وڪيل علي محمد ميمڻ پاران ڪيس جي پيروي ڪئي ويئي ، حيدرآباد جي دهشتگردي جي انت واري عدالت مذڪوره ٽنهي اڳواڻن خلاف داخل ٿيل ايف آءِ آر مان دهشتگردي واري ڪلم ختم ڪرڻ جو حڪم ڏيئي ڇڏيو آهي ۽ ڪيس ٽنڊو محمد خان جي سيشن ڪورٽ اماڻيو ويو آهي ، جتي اڄ ڪيس جي ٻڌڻي ٿيندي.

بقايا | سنڌيار | 21

ڪيو هن چيو ته سنڌ حڪومت پاران ضلع نوشهروفيروز مان 14 لک 50 هزار ٻوريون خريد ڪرڻ جو ٽارگيٽ ڏنو ويو آهي جنهن لاءِ اسان ضلعي اندر 40 خريداري سينٽر قائم ڪري انهن تي فود انسپيڪٽر مقرر ڪري ڇڏيا آهن ۽ اهڙو ڏنل ٽارگيٽ هڪ مهيني اندر مڪمل ڪيو ويندو هن چيو ته خريداري سينٽرن تي باردانو پهچائي ڇڏيو آهي آبادگارن ۾ باردائي واري وهاست کي يقيني بڻايو ويندو ته جيئن آبادگار پنهنجي ڪڻڪ مناقع خور واپارين کي ڏيڻ بجاءِ سرڪاري اگهه تي گودام ۾ جمع ڪرائين هن وڌيڪ چيو ته ڪرپشن ۾ ملوث عملي کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو فود انسپيڪٽر سرڪاري باردانو وڏيرن ۽ پوٽارن کي ڏيڻ بجاءِ آبادگارن ۾ ورهائڻ

بقايا | سنڌيار | 22

کي قانوني سزا ڏئي علي احمد بروهي جي خون سان انصاف ڪيو وڃي مطالبو ٻئي طرف بيگناهه اغوا بعد بيدردي سان قتل ڪيل نوجوان علي احمد بروهي جي امڙ وڏيرڪي جرڳي کي به ٺڏي ڇڏيو پنج جوابدارن خلاف قتل جي ايف آئي آر داخل، خبر موجب: وارهه ۾ مقتول نوجوان علي احمد بروهي جي بيرحماڻي قتل واقعي خلاف ٻي ڏينهن به سوشل ورڪر رياض ڪلهوڙو ۽ محمد علي چانڊيو پاران احتجاجي چارٽ هٿن ۾ کڻي تعلقه پريس ڪلب وارهه پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي رياض ڪلهوڙو ميڊيا سان ڳالهائيندي وڏيري خان محمد بروهي مٿان الزام لڳائيندي چيو ته هي ظالم وڏيرو اڳ به ٽي عورتون قتل ڪيون آهن، جنهن مان هڪ کي ٽريڪٽر ۾ وجهي پيڙهيو ويو هيو وري هي نوجوان قتل ڪري سندس جو لاش گهيا گهيا ڪري روهڙي ڪئنال ۾ لوڙهي ڇڏيو آهي هي وڏيرو جتي قاسي پيو اتي سرداري نظام جو سهارو وٺندي پئسا ڏئي پنهنجي جان ڇڏائي پيو وڃي، هن وقت به هي قانون کان بچڻ لاءِ پنهنجي مرضي سان جرڳو ڪرائي وڏيرڪي پريشر ۽ پوليس کي پنج روپيا ڏئي مقتول علي احمد بروهي جو خون لوڙهي مسئلو لٿه مٽي ڪرڻ پيو چاهي جنهن جرڳي کي مقتول جي وارثن سندس جي امڙ ٺڏي ڇڏيو آهي هنن مطالبو ڪندي ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو آءِ جي سنڌ ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ته نوٽيس وٺي ان قاتل وڏيري خلاف قانوني ڪارروائي ڪري سخت کان سخت سزا ڏئي ڦانسي تي لٽڪائي ۽ علي احمد بروهي جي خون سان انصاف ڪيو وڃي، ۽ سنڌ سميت سموري ملڪ مان سرداري ۽ جاگيرداري نظام جو خاتمو آڻي عدالتي سسٽم بحال ڪيو وڃي. ٻي طرف گذريل رات مقتول نوجوان جي قتل جو ڪيس لاڙڪاڻي جي سچل ٿاڻي تي مقتول جي امڙ نوربيبي بروهي جي فرياد تي 5 جوابدارن خان محمد بروهي، سيف الله بروهي، عبدالعزيز بروهي، عبدالرسول بروهي، خير محمد بروهي، مٿان داخل ڪيو ويو آهي. خبر فائل ٿيڻ تائين ڪنهن به نامزد قاتلن جي گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي هئي، جڏهن ته پوليس پاران پنهنجي روايتي نااهلي ۽ لاقانونيت جو مظاهرو ڪندي بروهي برداري جي ڪجھ عورتن کي گرفتار ڪرڻ جون خبرون سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ بعد بروهي برادري جي شعور وندن ۾ تاءُ پکڙيل نظر آيو.

بقايا | سنڌيار | 23

ڪائونسلرن سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ڪليل ڪچهري دوران شهرين پنهنجا ڪيترائي مسئلا پيش ڪيا جتي ڊي آءِ جي محمد يونس چانڊيو شهرين جي مسئلن بابت ڳالهيندي چيو ته اسان عوام جا محافظ آهيون عوام جي هر مسئلي کي حل ڪرڻ اسان جي اولين ترجيح آهي جيڪي شڪايتون مليون آهن يا حقيقتون سامهون رکيون ويون آهن ان تي نظرثاني ڪندي قانون جي رٽ بحال ڪئي ويندي ۽ ڪيترائي مسئلا بروقت حل ڪيا جڏهن ته شهرين ۽ عوام جي رهيل مسئلن کي حل ڪرڻ جي خاطري ڪرائيندي ڊي ايس پي مورو امداد علي سولنگي، ايس ايڇ او مورو علي اڪبر ڪوڪر کي حڪم ڏنو.

بقايا | سنڌيار | 24

سميت سوين مريضن جون ٽيسٽون مفت چڪاس ڪرڻ بعد مفت دوائون فراهم ڪيون تندرستي هزار نعمت آهي اسان سڀني کي وڌ کان وڌ اسپيشل ٻارڙن جو خيال رکڻ گهرجي اهڙن اسپيشل ٻارڙن جي خدمت ڪرڻ هڪ افضل عمل آهي ايف ايف سي انتظاميا پاران اسپيشل ٻارڙن کي هر ممڪن رليف فراهم ڪيو پيو وڃي برگيڊيئر محمد سليم چيما جون ميڊيا ميڊيا سان ڳالهيون ، تفصيل موجب گهوٽڪي ضلعي جي صنعتي اداري ايف ايف سي انتظاميا جي انسان دوست آفيسر برگيڊيئر محمد سليم چيما جي خاص سهڪار سان اسپيشل ٻارڙن جي اسڪول بلائينڊ اسڪول ميرپور ماٿيلو ۾ ڪاري ڪامڻ هيپاٽائٽس بي هيپاٽائٽس سي سميت مختلف بيمارين جي لاءِ مفت طبي جنرل ميڊيڪل ڪئمپ قائم ڪئي وئي جنهن ۾ سونا ويلفيئر اسپتال جي ماهر ڊاڪٽرن ۽ ڊاڪٽرياڻين سميت ٻين مختلف بيمارين جي ماهر ڊاڪٽرن شرڪت ڪئي مفت ميڊيڪل ڪئمپ ۾ اسپشل ٻارڙن سميت آس پاس جي علائقن سان

تعلق رکندڙ سوين مريضن جون هيپاٽائٽس بي ۽ هيپاٽائٽس سي ڪاري ڪامڻ سميت مختلف قسمن جون مفت ٽيسٽون ڪري مفت دوائون فراهم ڪيون ويون ۽ مريضن کي مفت سينيٽائزر ماسڪ پڻ فراهم ڪرڻ سان گڏ و گڏ ويڪسيشن جو ٻيون ڊوز مڪمل ڪيو ويو ان سلسلي ۾ بلائينڊ اسڪول جي پرنسپل سيف الله مهر ۽ ٻين استادن جو چوڻ هو ته ايف ايف سي انتظاميا جي برگيڊيئر محمد سليم چيما ڪرنل شڪيل چٺا ڪرنل شجاعت منهاس پي آر او امان الله شر ۽ احمد علي سومرو جا شڪر گذار آهيون جن حاليا برسات بعد گهوٽڪي ضلعي جي عوام کي ۽ اسپشل ٻارڙن کي هر قسم جون سهولتون ۽ رليف فراهم ڪري هڪ مثال قائم ڪري ڇڏي آهي جنهن جي جيتري تعريف ڪجي گهٽ آهي ان موقعي تي ايف ايف سي انتظاميا جي برگيڊيئر محمد سليم چيما جو ميڊيا سان ڳالهائيندي چوڻ هو ته تندرستي هزار نعمت آهي اسان جو عزم ئي انسان ذات جي خدمت ڪرڻ آهي هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته اسپشل ٻارڙن جو وڌ کان وڌ خيال رکڻ گهرجي چو ته اهڙن اسپشل ٻارڙن جي خدمت ڪرڻ هڪ افضل عمل آهي حاليا برساتن بعد عوام کي راشن دوائون ٽينٽ نياڻين جي شادين ۾ ڏاج ڏيڻ سان گڏ و گڏ بلائينڊ اسڪول ۾ فرنيچر ۽ اسپشل ٻارڙن کي هر ممڪن رليف فراهم ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي اسان جي ڪوشش آهي ته اسپشل ٻارڙن کي وڌيڪ هر ممڪن رليف فراهم ڪيون

نوشهروفيروز جي محلي پريم نگر جي رهواسي امتياز علي عباسي پاران احتجاج

فارم ڀرڻ جي داخلا ڪرائڻ لاءِ ويس ته عبدالمجيد ڳوراهو چيو ته داخلا وارو ڪتاب پرهي ويو :شهري

داخلا ۾ ڪنهن پابندي لڳائي آهي ته مون سان بدتميزي سان ڳالهائڻ شروع ڪري ڏنائين

نوشهروفيروز (رپورٽ اسد علي عمراڻي) [illegible]

ڪمشنر حيدرآباد پاران ماتلي بدين ۽ شهيد فاضل راهو ۾ لڳندڙ بچت بازارن جو دورو

بلال احمد ميمڻ روزمره جي استعمال ۾ ايندڙ کاڌ خوراڪ وارين شين جي اسٽالن جو جائزو ورتو

ماڻهن کي رليف مهيا ڪرڻ لاءِ سستي ۽ معياري اگهن تي شيون وڪرو ڪيون وڃن: ڪمشنر حيدرآباد

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد بلال احمد ميمڻ ماتلي بدين ۽ شهيد فاضل راهو ۾ سنڌ حڪومت پاران لڳندڙ بچت بازارن جو دورو ڪيو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاهنواز خان پڻ موجود هو ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد روزمره جي استعمال ۾ ايندڙ کاڌ خوراڪ وارين شين جي اسٽالن جو جائزو ورتو ۽ منتظمين کي هدايت ڪئي ته پلاري مهيني دوران ماڻهن کي وڌ کان وڌ رليف مهيا ڪرڻ لاءِ سستي ۽ معياري اگهن تي شيون وڪرو ڪيون وڃن هن بچت بازارن ۾ خريداري لاءِ آيل ماڻهن کان پڻ خريد ڪيل شين بابت معلومات ورتي ان موقعي تي هن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته مهانگائي صرف ضلعي يا صوبي سطح تي نه آهي ٻر ملڪي سطح تي آهي جنهن جو وڏو سبب گهڻيون برساتون ۽ ٻوڏ دوران فصلن جي تباهي ۽ روپيه جي قدر ۾ مسلسل ڪمي به مهانگائي جو وڏو سبب آهي هن چيو ته سنڌ حڪومت ماڻهن کي رليف ڏيڻ لاءِ پوري سنڌ ۾ تعلقي سطح تي بچت بازارن لڳايون آهن حيدرآباد ڊويزن جي 9 ضلعن ۾ 35 بچت بازارون لڳايون ويون آهن اهي بازارون عوام ۽ واپارين سان گڏجي لڳايون آهن جنهن ۾ يوٽيليٽي ڪارپوريشن جو تعاون پڻ شامل آهي انهن جا اسٽال به بچت بازارن ۾ لڳايا ويا آهن هن چيو ته مهانگائي تي ضابطو آڻڻ لاءِ رمضان المبارڪ جي اچڻ کان 15 ٻهرين منافع خورن خلاف آپريشن شروع ڪيو ويو هو اسان نٿا چاهيون ته ڪنهن دڪاندار تي ڏنڊ هڻو دڪاندارن کي گهرجي ته هو سنڌ حڪومت جي هدايتن تحت ضلعي انتظاميه سان تعاون ڪن ۽ هن پلاري مهيني ۾ پنهنجو نفعو گهٽائن ته جيئن غريب ماڻهو به آرام سان روزا رکن ۽ افطاري ڪري سگهن هن ميڊيا جي سوالن جا جواب ڏيندي چيو ته حڪومت سنڌ ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي تحت 78 لک خاندانن کي 2 هزار روپيا اٽي جي مد ۾ سبسڊي ڏئي رهي آهي ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاهنواز خان ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي تحت ملندڙ وظيفي مان ڪٽوتي جي شڪايتن جو نوٽيس ورتي ڇڏيو آهي تعلقي شهيد فاضل راهو ۾ اهڙين شڪايتن تي 6 ڊوائسون بلاڪ ڪري ڇڏيون آهن ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون نجيب الرحمان جمالي ريجنل مينيجر يوٽيليٽي اسٽور جاويد زرداري ايڊيشنل ڊائريڪٽر ايگريڪلچر امتياز علي پٽو اسسٽنٽ ڪمشنر بدين ماجد الطاف مختيارڪار بدين محمد عمر ميمڻ پڻ ساڻس گڏ هئا

دادو سيڪنڊ سول جج جوڊيشل ايٽ دادو جي عدالت قرجي ڪيس ۾ 3 جوابدارن کي سزا

علي احمد، الطاف ۽ عرفان حسين چانڊيو کي 3/3 سال قيد ۽ ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي

جوابدارن خلاف سيتا روڊ ٿاڻي تي ارشاد چانڊيو جي فرياد تي قرجو ڪيس داخل ڪيو ويو

دادو(ن سنڌيار) دادو سيڪنڊ سول جج جوڊيشل ايٽ دادو جي عدالت قر جي ڪيس ۾ 3 جوابدارن علي احمد، الطاف ۽ عرفان حسين چانڊيو کي 3/3 سال قيد ۽ ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي سزا ٻڌايل جوابدارن خلاف سيتا روڊ ٿاڻي تي ارشاد چانڊيو جي فرياد تي قرجو ڪيس داخل ڪيو ويو هو.جنهن ۾ عدالت ڪين سزا ٻڌائي آهي.

غوثپور ۾ احساس ڪفالت جي آيل رقم 8500 مان ڊيوائيز هولڊر پاران ڪٽوتي

ست هزار ڪٽوتي ڪري 1500 روپيا ڏئي پارن جو آيل وظيفو جاٿائي واپس روانو ڪري ڇڏيو

نيشنل پريس ڪلب پهچي ڊيوائيز هولڊر راڻو مل خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور ۾ احساس ڪفالت جي آيل رقم 8500 مان ڊيوائيز هولڊر راڻو مل پاران مستحق فوزيا خاتون جي آيل رقم مان آيل رقم 8500 سئو مان ست هزار ڪٽوتي ڪري 1500 روپيا ڏئي پارن جو آيل وظيفو جاٿائي واپس روانو ڪري ڇڏيو جنهن بعد مستحق فوزيا خاتون جي پٽ ضمير قاضي نيشنل پريس ڪلب پهچي ڊيوائيز هولڊر راڻو مل خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي ويئي ان موقعي تي مظاهرو ڪندڙ ضمير قاضي [illegible]

ضلع جي ٻين شهرن ۾ هفيوار بجت بازارون لڳايون وڃن ته جيئن عوام ڪجھ فائدو حاصل ڪري سگهي، ان موقعي تي پ پ پ اڳواڻ ڊاڪٽر اقبال ميمڻ، رميز ڏنور، حاجي محسن سنڌي، شڪور لوهار، ربڏنو جت ۽ شفيع لغاري، عبدالغني راهيمون ۽ اي سي سجاول صائمہ فاطمہ ۽ ٻيا ساڻس گڏ هئا.

بقايا | سنڌيار | 29

ٻڌيل آهي ۽ رات جو ائين وڳي ڪانپوءِ انڊس هاءِ وي ٿاڻ پوليس غائب ۽ ڌاڙيل جا ٽولا گشت ڪرڻ لڳا ڪچي ۽ پڪي ۾ پوليس ٿاڻن جي گهڻائي با وجود پوليس ڌاڙيلن سان ٻٽ هڻڻ ڪري ڪنهن به قسم جي ڪاروائي ڪرڻ بجاءِ ڌوهارين کي پروٽوڪول ڏيڻ ۾ پيش پيش آهن جڏهن ته شهرن اندر روزيدارن کي سهري وقت خريداردي ڪرڻ لاءِ گهران نڪرڻ مشڪل ٻڌيل آهي جڏهن ڌاڙيلن هٿان به پوليس اهلڪار شهيد ۽ به زخمي ٿي پيا ڌاڙيل پاران گهرن جا دروازا ڪڙڪائي ماڻهن کي اغوا ڪرڻ جون ڪوششون معمول ٻڌيل هئڻ ڪري گذريل هڪ مهيني دوران هڪ عورت ٻن معصوم ٻارڙن سميت 18 ماڻهون اغوا ٿي چڪا آهن جنجي بازيابي لاءِ مختلف وقتن تي احتجاج ڪندي انڊس هائيوي بلاڪ ڪرڻ سان گڏ ايس ايس پي آفيس جي گيٽ سامهون ڌرڻا ڏنا ويا پر ايس ايس پي ڪشمور سميت چونڊيل نمائندا مڪمل خاموش تماشائي ٻڌيل آهن ۽ مغوين جي وارثن مٿان اجان مٿن ڪيس داخل ڪرڻ جون پڻ پوليس پاران ڌ مڪيون ڏنيون پيون وڃن جڏهن ته ڪجھ ڏينهن ٻهريان عورت نازيه بيگم جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪندڙ ن مٿان ايس ايس پي جي حڪم تي مغوين جي وارثن سميت مختلف سياسي ۽ سماجي اڳواڻن جي پاونجاهه ماڻهن مٿان اي.ٽي.سي جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.بي پاسي ڪشمور. ڪنڌ ڪوٽ ۽ تنگواڻي تعلقن مان محمد اقبال نائچ. محمد حسن دشتي . ارباب علي سولنگي . عبدالغفور ٻرڙو. منصور علي ٻرڙو . لال محمد ٻرڙو . سردار خان نندواڻي . عبدالرشيد اوڳاهي . پيربخش شيخ . نازيه بيگم ڪوسو. معصوم ڪگهر بيبي ڪوسو . عبدالرئوف نوناري . حسيب الرحمن نوناري مانور علي. خدابخش مهمداڻي. امير بخش مهمداڻي ۽ شهد حسين گولو جيڪي اغوا ٿي چڪا آهن ۽ مغوين جي گهرن ۾ قيامت صغرا برپا ٿيل آهي ۾ ايس ايس پي ڪشمور عرفان سمون پاران ڪابه ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. ٻئي پاسي پوري ضلع اندر بد امني جي باهه ٻري وئي ۽ چونڊيل نمائندن جي مڪمل خاموشي تي عوام ۾ [illegible] آئي جي سنڌ کان مطالبو ڪيو ويو ته ايس ايس پي ڪشمور عرفان سمون کي فوري طور هٽائي ڪين عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت واري عمل کي يقيني بڻائڻ لاءِ ايس ايس پي امجد شيخ. بشيراحمد بروهي يا ڪو بهادر ايس ايس پي مقرر ڪيو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 25

ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ نئون ديرو ميونسپل ڪاميٽي جي فائربرگيڊ گاڏي پهچي باهه وسائي ڇڏي تفصيل مطابق ريلوي اسٽيشن روڊ سرڪاري اسپتال نئون ديرو جي سامهون شارجه هائوس ۾ ٺهيل فوجي غلام الله پٽو جي لنڊا گدام ۾ اچانڪ باهه لڳي وئي باهه لڳڻ سبب گدام ۾ لکين روپين جو پيل قيمتي سامان سڙي خاڪ ٿي ويو واقع جو اطلاع تي ميونسپل ڪاميٽي نئون ديرو جي فائربرگيڊ گاڏي باهه واري جڳهه تي پهچي باهه تي ڪنٽرول ڪيو ويو واقع مطابق باهه لڳڻ جو ڪنهن به قسم جي معلومات نه ملي سگهي آهي شڪ مطابق باهه بجلي جي شارٽ سرڪٽ جو سبب ٻڌايو پيو وڃي ۽ ٻئي پاسي گدام مالڪ فوجي غلام الله پٽو خريداري لاءِ ڪراچي ويل آهي،

بقايا | سنڌيار | 26

جي هڪ هٽي سبب عوام سخت پريشاني جي ور چڙهيل آهي ڏهاڙي تي ڪمائڻ وارو مزدور هڪ ويلي جو سامان وٺڻ لاءِ مجبور آهي غلام الله ۾ ڪوبه يوٽيلٽي اسٽور نه آهي ڪابه بچت بازار نه لڳائي وئي آهي جنهن سبب واپارين جا جاوا لڳا پيا آهن سنڌ حڪومت اٽي جو ريٽ 64روپيه مقرر ڪيو آهي پر ان تي ڪوبه عمل ٿي نه سگهيو آهي رائس ملز فلور ملز مالڪن جي من مستي پڻ وڌي وئي آهي هنن کي ڪير به چوڻ وارو نه آهي رائس ملز ۽ فلور ملز وارن پڻ اٽي جا هٽ ٺوڪيا ريٽ مقرر ڪري ڇڏيا آهن مانگهائي غريب پورهيت طبقي جي جيلهه چيڀي ڪري ڇڏي آهي هتان جي شهرين سياسي سماجي اڳواڻن سخت احتجاج ڪندي سنڌ حڪومت ڊي سي ٺٽو کان مطالبو ڪيو آهي ته فورن نوٽيس وٺي مانگهائي تي ضابطو آندو وڃي رائس ملز فلور ملز مالڪن ۽ واپارين جي ڪن مهٽ ڪئي وڃي

بقايا | سنڌيار | 27

آمد آباد پريتم آباد، وڪيل واٽر فقير جي ڪوهي ,15 جمڙائو ۽ ڪيترن علائقن ۾ مالودن جي مال ۾ مختلف بيماريون پکيڙجي جي وين ، بيماري سبب ڪافي مال مرڻ لڳو ڪڏڙو شهر جي پنهنجا هزار کان مٿي آبادي رکندر شهر جتي وينٽري ڊاڪٽرن جي سرڪاري اسپتال هوندي به ڊاڪٽر منظر عام تان غائب آهن ڪيترن ئي غريب مسڪينن مالودن جا وٿاڻ خالي ٿي ويا ڊاڪٽرن جي ڪنن تي جون به سرڪي لائيو اسٽاپ ڪاتي سانگهڙ جي، ڏيد ڪروڙ بجيت هجڻ بعد به، ويڪسين ۽ ميڊيسن پرائيوٽ اسٽورن تي ڪپائڻ جو انڪشاف ٿيو آهي هتي جي شهر واسين ميڊيا کي ٻڌايو آهي ته اسان جو تمام گهڻو نقصان ٿيو آهي، ڪافي عرصي کان ٻور بيماري ۾ ورتل آهن ڊاڪٽرن سان رابطو ڪيون ٿا ته ڊاڪٽر جو چوڻ آهي ته اسان وٽ فلحال ڪا به ويڪسين ۽ نه وري ڪا ميڊيسن آهي ڊاڪٽر ,, اسان گورنمنٽ سنڌ سرڪار وزير اعلي سنڌ سيد مراعلي شاهه , وزير خارجه ۽ لائيو اسٽاپ کاتي جي مشيرن، سانگهڙ ضعلي جي انتظاميا ۽ ٻين اعلي ايوانن کي اپيل ٿا ڪيون ته اسان مالوندن جي چوپائي مال جي ويڪسين ميڊيسن فراهم ڪئي وڃي ته جئين اسان غريبن جو مال بچي سگهي خدارا اسان جو گذر سفر، مال تي آهي،

بقايا | سنڌيار | 28

پاران سجاول شهر جي پراڻي مڇي مارڪيٽ ۾ مختلف دڪاندارن جي سهڪار سان بچت بازار لڳائي وئي جنهن ۾ ڪريانه ، سبزي ۽ فروٽ جي دڪانن سميت يوٽيلٽي اسٽور پڻ شامل آهن هوڏانهن پ پ پ ضلع سجاول جو صدر ايم پي اي رئيس محمد علي خان ملڪاڻي ۽ ڊي سي سجاول امتياز احمد ابڙو سان گڏ بجت بازار جو دورو ڪيو ۽ بجت بازار جي دڪاندارن کان ريٽ معلوم ڪيا ان مرقعي تي رئيس محمد علي خان ملڪاڻي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ حڪومت جي هدايتن تي رمضان المبارڪ ۾ عوام کي سستيون شيون فراهم ڪرڻ لاءِ سجي سنڌ ۾ بجت بازارون لڳايون ويون آهن. بچت بازار جو اصل مقصد غريب مسڪين ماڻهن ۽ روزيدارن کي رياعت تي سامان ڏنو وڃي. هن چيو ته اسان وڌ کان وڌ ڪوشش ڪنداسين ته رمضان جي مهيني ۾ سجاول

پهرين ورسي

عبدالجبار ميمڻ

لاس اينجلس آمريڪا ۾ پاڪستان جو اڳوڻو قونصل جنرل

21 آگسٽ 1964 - 29 مارچ 2022

”جنهن سان اسان پيار ڪندا آهيون اهي پري ناهن ويندا بلڪي هو هر روز اسان جي آس پاس رهندا آهن.
اسان انهن کي ڏسي يا ٻڌي نٿا سگهون پر اهي اسان جي ويجهو آهن اسان هاڻي به انهن کي پيار ڪندا آهيون ۽ ياد ڪندا آهيون ۽ اهي اسان لاءِ تمام پيارا آهن.

سوڳوار ڪندڙ

نديم ميمڻ، سليم ميمڻ، نعيم ميمڻ، وسيم ميمڻ، آفتاب ميمڻ، راجا نسيم ميمڻ، عبدالحفيظ ميمڻ، عادل ميمڻ، منهال جبار، فريده عبدالجبار، شهلا عبدالجبار، حميده رحمان ميمڻ، شبانه خليل، شازيه ميمڻ، انيلا خان

سمورا رشتيدار ۽ ٻيا پيارا دوست